آن لائن Online



# SINDH ZARA'AT

ماهوار



# سنڌ زراعت

ميگزين



بهار جي وڻڪاريءَ ۾ 5 رنگي ميوا پوکيو، صحتمند زندگي گذاريو ۽ ماحول کي خوشگوار بڻايو

MARCH-2022

# جناب منظور حسين وسان، مشير زراعت حڪومت سنڌ جون مصروفيتون







# جناب هدايت الله چچڙ، ڊائريڪٽر جنرل زرعي توسيع سنڌ جون مصروفيتون







# سنڌ زراعت

# Sindh Zara'at

مارچ 2022 | شمارو: 03



## سِٽاءُ


| نمبر | عنوان | صفحو |
|---|---|---|
| .1 | وونئڙ هڪ مکيه فصل ـ ان جي پوکيءَ لاءِ تياري | 07 |
| .2 | ڪڻڪ جي فصل ۾ هاڃيڪار جيتن ۽ بيمارين تي ضابطي آڻڻ لاءِ تجويزون | 08 |
| .3 | ڪڻڪ جي نج ٻج رکڻ لاءِ هدايتون | 08 |
| .4 | سائي ستابي سنڌ | 09 |
| .5 | وونئڻن پوکڻ لاءِ گهربل زرعي مشينري ۽ اوزار | 10 |
| .6 | ”ملچ“ جا فائدا | 10 |
| .7 | مارچ مهيني ۾ ڪڻڪ جي سار سنڀال لاءِ صلاحون | 11 |
| .8 | زمين هموار ڪرڻ جا فائدا | 11 |
| .9 | اناج جو ذخيرو مسئلا ۽ حل | 12 |
| .10 | ٻاجهين جي پوک | 13 |
| .11 | ٽماٽي جون بيماريون ۽ ان جو علاج | 14 |
| .12 | انب جا نقصانڪار جيت ۽ انهن جو تدارڪ | 15 |
| .13 | سنڌ جي باغن ۾ ادرڪ جي ڪامياب پوک | 17 |
| .14 | ڦودني جي پوک | 17 |
| .15 | سورج مُکي جي پوک ۽ ان جي معاشي اهميت | 18 |
| .16 | ٻجن کي پسائي پوکڻ جي افاديت | 19 |
| .17 | ٻوٽن ۾ خوراڪي جزن جي اهميت ۽ کوٽ جون علامتون | 20 |
| .18 | ڏاڙهونءَ جا طبي فائدا | 21 |
| .19 | ڪٿا ميوا | 21 |
| .20 | زمين جي زرخيزي جي اهميت | 22 |
| .21 | وٽڪار جي اهميت ۽ پوکائي لاءِ فني معلومات | 23 |
| .22 | جانورن ۾ ڪيڙن جو خاتمو | 24 |



- نگران اعليٰ
منظور حسين وساڻ
مشيرِ زراعت
حڪومتِ سنڌ

- نگران
قاضي اعجاز احمد مهيسر
سيڪريٽري
زراعت، سپلاءِ ۽ پرائيسز سنڌ

- چيف ايڊيٽر
هدايت الله ڇچڙو
ڊائريڪٽر جنرل
زرعي توسيع سنڌ

- ايڊيٽر
غلام مصطفيٰ نانگراج
ڊائريڪٽر انفارميشن
زرعي توسيع سنڌ

- معاون
فهيم قريشي، شمائله، باسط ٽالپر
غلام نبي ڏاهري، جاويد ميمڻ ۽ عرفان سومرو

- فوٽو گرافي
الطاف حسين اوڍو ۽ جابر لغاري

- ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ
علي انور لغاري

- ٽائيٽل ڊزائين
نزاڪت علي کوکر



ڊائريڪٽوريٽ زرعي اطلاعات ۽ آءِ سي ٽي زرعي توسيعي مرڪز، زرعي توسيع سنڌ
بلاڪ ايف، شهباز بلڊنگ، حيدرآباد
فون: 022-9200108, 022-9201276 ،03111646111

# ايڊيٽوريل

وڻڪاريءَ لاءِ بهار جي مُند نهايت ئي مناسب آهي. جنهن ۾ 15 فيبروريءَ کان مارچ جو سڄو مهينو وڻ هڻي سگهجن ٿا. ان پوکيءَ ۾ باغ لڳائڻ يا روڊن، رستن، پارڪن، گهرن، اوطاقن، اسڪولن وغيره ۾ وڻ هڻڻ شامل آهن. عام طور تي باغ پوکڻ يا عام وڻ هڻڻ لاءِ چڪيءَ جي مٽيءَ جيترو کڏو کوٽي چڪيون ويهاريون وڃن ٿيون. جنهن سان اڪثر ڪري عام وڻن واريون اڪثر چڪيون گهٽو ڪري مري وڃن ٿيون. اهڙي طرح آباد زمينن ۾ پوکيل باغن ۾ به گوٽ ٿئي ٿي ۽ وڏي ڳالهه ته چڪيون تڪڙيون نٿيون وڌن. ان لاءِ عام وڻ پوکڻ يا باغ لڳائڻ لاءِ سڀ کان پهرين چڪيون هڻڻ واري جاءِ تي 3 فوٽ ويڪرا ۽ 3 فوٽ اونها کڏا کٽجن. کڏا کٽڻ جي شروعات ۾ کڏن جي مٿئين تهه واري اڌ فوٽ جي مٽي ڪِدي هڪ پاسي رکجي ۽ باقي هيٺين اڍائي فوٽن واري مٽي ٻئي پاسي رکجي. کڏا جڏهن کڄي وڃن ته اڌ فوٽ واري مٽي واپس کڏن ۾ لاهجي ۽ اڍائي فوٽن واري مٽيءَ جي اڌ ۾ اوتروئي وٿاڻ جو پراڻو ڳريل ڀاڻ ملائي کڏا ڀرجن. جيڪڏهن درياءَ واري لَٽ جي سهولت هجي ته لَٽ، کڏي مان نڪتل مٽي ۽ وٿاڻ جو ڀاڻ هم وزن ملائي کڏن کي ڀري مٿان پاڻي ڏجي. جنهن بعد جڏهن کڏا وَتَ ۾ اچن ته چڪيون ويهارجن. ان طريقي وڻ هڻڻ سان اُهي چڪيون مرن نٿيون ۽ وڌن به تڪڙيون ٿيون. ان لاءِ سِيني سنڌ زراعت جي پڙهندڙن کي گذارش آهي ته هن بهار ۾ ٻڌايل طريقي سان ئي وڻ پوکيو ته اوهان کي فرق خود نظر ايندو.

گهرن، اوطاقن، رستن، ٻنيءَ جي پٽڙين وغيره سان وڻڪاري ڪرڻ لاءِ گذارش آهي ته ميووي وارا وڻ پوکيو جهڙوڪ: توت، جمون، ڪجيون، ديسي انب وغيره. ميووي وارا وڻ پوکڻ سان نه رڳو اوهان کي ڇانوَ ۽ ڪاٺي ملندي پر ان سان گڏ مفت ۾ ميوو به ملي ويندو. اهڙي طرح ميووي جا وڻ به پنجن رنگن وارا جهڙوڪ: اڇو ساوو نيرو/واڱڻائي، ڳاڙهو/ناسي ۽ پِيلو/نارنگي پوکيو. قدرت جن مان هر هڪ رنگ جي ميووي ۾ الڳ الڳ طبي ۽ خوراڪي افاديت رکي آهي. اڇي رنگ جا ميووا اوهان جي جسم جي قوت مدافعت وڌائن ٿا. سائي رنگ جا ميووا رت کي صاف ڪن ٿا ۽ جسم مان زهريلا مادا خارج ڪن ٿا. جڏهن ته نيري يا واڱڻائي رنگ جا ميووا حافظي ۽ عمر کي وڌائڻ ۾ مددگار ٿين ٿا. ڳاڙهي يا ناسي رنگ وارا ميووا وري دل کي صحت مند رکن ٿا. پِيلي يا نارنگي رنگ وارا ميووا انسانن کي ڪينسر جي مرض کان بچائن ٿا. هاضمي کي بهتر ۽ سُونهن ۾ اضافو ڪن ٿا. انڪري پنجن رنگن جا ميووا پوکيو. ڪائوءِ صحتمند زندگي گذاريو.

ساٿ سلامت

**غلام مصطفيٰ نانگراج**

ڊائريڪٽر

زرعي اطلاعات، زرعي توسيع سنڌ

حيدرآباد

# وونئڻ هڪ مکيه فصل - ان جي پوکيءَ لاءِ تياري

سرپرست اعليٰ: ڊاڪٽر مظهر الدين ڪيريو، ڊائريڪٽر وونئڻ جو تحقيقاتي ادارو سنڌ ٽنڊوڄام
تحرير: سريش ڪمار اوڏ، سينيئر سائنٽيسٽ وونئڻ جو تحقيقاتي ادارو سنڌ ٽنڊوڄام

اسان جو ملڪ هڪ زرعي ملڪ آهي، اقتصادي خوشحالي معيشت لاءِ ضروري آهي تہ زرعي پيداوار ۾ خاطر خواهہ اضافو ڪيو وڃي. ان لاءِ مرڪزي توڙي صوبائي سطح تي ڪوششون ورتيون پيون وڃن. وونئڻ جي فصل جي پوک ملڪ جي معيشت ڪي وڏائڻ ۾ اهم حيثيت رکي ٿي. وونئڻ جي ڪامياب پوک ۽ پيداواري صلاحيت کي اُجاگر ڪرڻ لاءِ سرڪاري ۽ خانگي ادارا آبادگارن کي ڄاڻ فراهم ڪرڻ لاءِ پنهنجون ڪوششون ڪري رهيا آهن جنهن جو بنيادي مقصد وونئڻ جي فصل جي پيداواري صلاحيت کي وڌائڻ آهي. اِها ڪاوش نين جنسن جي صورت ۾ هجي يا جديد طريقن سان پوک، ٻوٽن جي ڪاڏ خوراڪ هجي يا جيتن ۽ ڪيڙن کان فصل کي بچائڻ مطلب تہ آبادگارن کي هر اها ڄاڻ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي تہ جيئن بهترين فصل پوکي وڌ ۾ وڌ ناڻو ڪمائي ملڪ ۽ صوبي کي خوشحال بڻائي سگهون. ان لاءِ ضروري آهي تہ جديد طريقن سان نئين تحقيق مطابق فصل پوکيو وڃي تہ ان جا سٺا نتيجا نڪرندا.

مُند جي حساب سان اسان جي صوبي سنڌ ۾ جن ضلعن اندر وونئڻ جي پوک ٿئي ٿي ان ۾ سڀ کان پهرين ٺٽو بدين، عمرڪوٽ، مٺي، ميرپورخاص ۽ سانگهڙ جي علائقن ۾ 1 مارچ کان 31 مارچ تائين وونئڻ جي پوک ڪئي وڃي ٿي.

ان کان پوءِ حيدرآباد، ڄامشورو، ٽنڊوالهيار ۽ مٽياري جي علائقن ۾ 15 مارچ کان 30 اپريل تائين پوکجن تہ سٺي پيداوار حاصل ڪري سگهجي ٿي. ضلعي دادو شهيد بينظير آباد ۽ نوشهروفيروز ۾ 15 اپريل کان 15 مئي تائين پوکجي. باقي ضلعن خيرپور، سکر ۽ گهوٽڪي ضلعي جي علائقن ۾ 15 مئي کان 15 جون تائين وونئڻ پوکي بهتر پيداوار وٺي سگهجي ٿي. اسان وٽ وونئڻ ٻن طريقن سان پوکيا وڃن ٿا. (1) ناڙي (Drill) ۽ (2) ڪرين يا ٻنن تي پوکي (Ridge Sowing).

## پوکڻ جو طريقيڪار ۽ ٻج جو مقدار في ايڪڙ:

| | | |
|---|---|---|
| 1. ناڙي واري طريقي سان پوک | بُجن وارو ٻج<br>8 کان 10 ڪلوگرام | بُج لٿل يا ٺوڙهو ٻج<br>5 کان 6 ڪلوگرام |
| 2. ڪرين يا ٻنن واري پوک | 4 کان 5 ڪلوگرام | ½ 2 کان 3 ڪلوگرام |

**زمين جي چونڊ ۽ تياري:** وونئڻ جي سٺي پوک لاءِ موزون زمين وچولي لٽياسي آهي، جنهن ۾ نامياتي مادو تمام ججهي مقدار ۾ موجود هوندو آهي ۽ ان ۾ گهڻي پاڻي جذب ڪرڻ ۽ نمي کي گهڻي عرصي تائين برقرار رکڻ جي صلاحيت وڌيڪ هوندي آهي. ڇو تہ نمي هوندي تہ ٻج ۾ ڦوٽهڙو سٺو ٿيندو ۽ ننڍا ٻوٽا سٺي نموني واڌويجهہ ڪري سگهندا.

زمين جي تياري لاءِ اونهن هرن راجهہ چيزل پلو يا ٿالهين واري هرن سان کولجي ڇو تہ وونئڻ ڊگهي پاڙ وارو فصل آهي تہ جيئن ٻوٽا آساني سان زمين مان سٺي نموني خوراڪ حاصل ڪري سگهن. ان کان پوءِ گوبل جا هر ڪراس ۾ هڻجن تہ ڍڳر ڀري پور ٿي وڃن ۽ زمين ڀُرڀُري ٿي وڃي زمين کي هموار ڪرڻ لاءِ ڪيڻ يا ليزر ليولر سان سڌو ڪجي تہ زمين کي پاڻي هڪ جهڙو اچي سگهي ۽ سوڙها يا ڊگها ٻارا ٺاهيا وڃن. نئين تحقيق موجب ڊگها ٻارا ٺاهڻ سان پاڻي جلدي چوڏاري گهمي ويندو ۽ پاڻي صحيح مقدار ۾ استعمال ٿيندو ائين ڪرڻ سان فصل سٺ ٿيندو ۽ پيداوار ۾ بہ اضافو ٿيندو.

مٿي ڄاڻايل سفارشن موجب پوکي ناڙيءَ وسيلي ڪرڻي آهي تہ زمين جي چڱي ريت ليول ڪرڻ کانپوءِ صحيح نموني ريج ڪيو وڃي ۽ زمين جي وٽ اچڻ وقت ڀاڻ ڇٽجي. جيڪڏهن زمين ڪلراٺي هجي يعني جنهن زمين جي ڪارٻڊ ليول مٿي هجي ان ۾ ڊي اي پي ڀاڻ جو استعمال نہ ڪيو وڃي ان جي جاءِ NP ڀاڻ يا جيڪو موزون هجي اهو استعمال ڪيو. جيڪڏهن زمين سٺي آهي تہ ڊي اي پي ڇٽجي پوءِ ڪلٽيويٽر هلائي مٿان روٽاويٽر سان ڀاتيو ڀڏي زمين کي ڍڪجي تہ جيئن زمين جي نمي محفوظ رهي ان کانپوءِ جلد ئي ناڙي شروع ڪجي ۽ جيڪڏهن پوکي ڪرين يا ٻنن تي ڪرڻي آهي تہ ليول کانپوءِ ڪلٽيويٽر هڻي روٽاويٽر گهمائي ڪريا ڪڍجن ۽ پاڻي ۾ چُنگي هڻجي ۽ گاهہ مار دوا جو اسپري پڻ ڪجي.

**نج ٻج جو استعمال ۽ سفارش ڪيل جنسون:** ٻج هڪ اهم جز آهي ان لاءِ ڪوشش ڪئي وڃي تہ ٻج نج ۽ خالص هجي جنهن ۾ ڦوٽهڙي جي شرح ۽ پيداواري صلاحيت بہ وڌيڪ هجي. آبادگارن کي گهرجي تہ هميشہ رجسٽرڊ اداري جون تيار ڪيل جنسون خريد ڪن جيڪي فيڊرل سيڊ سرٽيفڪيشن اينڊ رجسٽريشن ڊپارٽمينٽ کان تصديق ڪيل هجن ۽ سنڌ صوبي جي موسمي آبهوا مطابق جنسون لڳائڻ گهرجن. ان لاءِ اسان جي زرعي ماهرن سان مشوري لاءِ رابطي ۾ اچجي.

## سنڌ صوبي لاءِ وونئڻ جون تجويز ڪيل موزون جنسون:

### ادارا ۽ ان جون جنسون

| | |
|---|---|
| ڪاٽن ريسرچ انسٽيٽيوٽ اي آر سي ايگريڪلچر ريسرچ سنڌ ٽنڊوڄام | مهراڻ، بختاور، ڪونج، سنڌ ون، سامي، نصرت، شهزادي ۽ شهباز |
| نيوڪليئر انسٽيٽيوٽ آف ايگريڪلچر (NIA) | چاندي 95، صدوري، نيا اُفق ۽ نيا نوري. |
| سي سي آر آءِ سڪرنڊ | ڪرس-543، ڪرس 129، ڪرس 510 ۽ ڪرس-134 |
| ملڪ جي ساک وارن ادارن جون جنسون | ايف ايچ-901، ايف ايچ-142، ايم اين ايچ-886، سي آءِ ايم-602، اين آءِ اي بي-878 ۽ ايف ايچ-1000 |

# ڪڻڪ جي فصل ۾ ھاڃيڪار جيتن ۽ بيمارين تي ضابطي آڻڻ لاءِ تجويزون

شفيع محمد ڪتي، پرنسپل سائنسدان، پلانٽ پيٿالاجي ڪڻڪ جو تحقيقاتي مرڪز سڪرنڊ

زرعي سائنسدانن جو تجربو ۽ راءِ آھي تہ ڪڻڪ جي فصل تي جيتن ۽ بيمارين جي روڪٿام صرف مربوط منصوبابندي وسيلي ممڪن ٿي سگھي ٿي. جنھن لاءِ زمين جي چونڊ ۽ تياري، ٻج جي چونڊ ۽ ان جي وقتائتي پوکي، پاڻ، پاڻي، گندگاھن جي خاتمي ۽ ٻين عملي طريقن جي ذريعي ڪڻڪ جو فصل نہ صرف بچائي سگھجي ٿو پر ان جي في ايڪڙ پيداوار ۾ ڀيٽو ڀيٽو اضافو ڪري سگھجي ٿو.

ڪنھن بہ مصنوعي ڪيميائي زھر جي استعمال ڪرڻ ڪانسواءِ ٿي ضابطي آڻڻ کي ترجيح ڏيئي فصل کي روڳيندڙ مرضن کان آجو ڪيو وڃي تہ جيئن ھر جاندار زھريلي خطري کان بچي سگھي. ان لاءِ ضروري آھي تہ خريف جي فصلن جي باقيات يعني ڏيبون، ڪِتون، گند گوچر جا ٻوٽا جھڙوڪ، ڏڀ، جھل، ڇبر، ڪيھہ، ٻصري ۽ ڏاتورو وغيره کان زمين کي مڪمل طور پاڪ ۽ صاف ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ انھن ۾ ھاڃيڪار جيتن جا آنا، ٻچا ۽ بيمارين جا جراثيم آرام (Dormancy) واري حالت ۾ موجود ھوندا آھن. جيئن ڪين موافق موسم ميسر ٿيندي آھي تہ اھي تحرڪ ۾ اچي ڪڻڪ جي فصل کي نقصان پھچائڻ شروع ڪندا آھن. ان ڪري ضروري آھي تہ زمين جي چڱيءَ طرح اونھن ھَرَن سان اُٿل پٿل ڪئي وڃي تہ اھڙن خطرن کان بچي سگھجي.

- بيمارين خلاف قوتِ مدافعت رکڻ وارين ۽ علائقائي موسم سان موافقت رکندڙ نيون جنسون پوکيون وڃن.
- ڪڻڪ جي بيمارين ۽ جيتن جي ماھرن کان جنسن، زمين، مصنوعي ڪيميائي پاڻ ۽ پاڻي وغيره جي استعمال پوکي طريقن تي ڏنل ھدايتن مطابق عمل ڪرڻ گھرجي.
- آڳاٽيون جنسون ھميشہ آڳاٽيون ڪري پوکجن ۽ پاڇاٽين جنسن کي پاڇاٽي موسم ۾ پوکڻ گھرجي ڇاڪاڻ تہ ھر ڪنھن جنسن کي گھربل ڏينھن درڪار ھوندا آھن تہ جيئن ھو پنھنجي مقرر ڏينھن ۾ پچي تيار ٿئي. ان ڪري ضروري آھي تہ زرعي ڪيلنڊر کي نظر ۾ رکجي.
- رتي جي بيماري روڪڻ لاءِ دوا جو استعمال پڻ اھم ڪردار ادا ڪري سگھي ٿو پر ڪوشش ڪري بيمارين خلاف قوت مدافعت رکندڙ نيون جنسون پوکڻ گھرجن. جيئن انسان ذات کي زھريلن زرعي زھرن جي اثرن کان بچائي سگھجي، مجبوري جي حالت ۾ زرعي زھر جو استعمال ڪجي.
- ڪڻڪ جي فصل کي جيتن ۽ بيمارين کان بچاءَ لاءِ سفارش ڪيل جنسون، سفارش ڪيل وقت تي پوکجن جنھن سان فصل کي مختلف مرضن کان بچائي سٺي پيداوار حاصل ڪري سگھجي ٿي.

# ڪڻڪ جي ٻج رکڻ لاءِ ھدايتون

باسط ٽالپر، سنڌ يوٿ ليڊ پروگرام

فصل جي سُٺي پيداوار حاصل ڪرڻ جو دارومدار مختلف عنصرن تي آھي پر ان مان اھم عنصر ٻج آھي. پنھنجي فصل مان ٻج رکڻ جو مقصد ئي سٺو ۽ صاف رکڻ آھي. جڏھن تہ سنڌ ۾ ھر سال 12 لک ھيڪٽرس يعني 29 لک ايڪڙن تي ڪڻڪ جي پوک ٿئي ٿي جڏھن تہ ٻج تيار ڪندڙ سرڪاري ۽ غير سرڪاري رجسٽرڊ ادارا ڪل گھرج جو 25 سيڪڙو ٻج بہ وڏي مشڪل سان تيار ڪن ٿا. باقي 75 سيڪڙو ٻج ٻين غير معياري طريقن ذريعي حاصل ٿئي ٿو. جڏھن تہ ڪڻڪ جي بھتر پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ تصديق شده ٻج بيحد بنيادي حيثيت رکي ٿو ۽ اھڙي ٻج مھيا نہ ٿيڻ ڪري پيداواري حدف پورو نہ ٿو ٿئي تنھنڪري آباد‌گار دوست گھٽ پيداوار حاصل ڪن ٿا. پنھنجي فصل مان پنھنجو ٻج پاڻ تيار ڪرڻ لاءِ ڪجھ ھدايتون ھيٺ ڏجن ٿيون.

1. ٻج ان جنس جو رکڻ گھرجي جيڪا انھي علائقي لاءِ سفارش ٿيل ھجي ۽ اھا جنس بيماري خلاف قوت مدافعت ۽ موسمي حالات کي برداشت ڪرڻ جي سگھہ ۽ وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ ھجي.
2. ٻج نج ھجي انھي ۾ ٻي ڪنھن بہ قسم جي فصل يا ڪنھن ٻي نسل جي ٻج جي ملاوٽ نہ ھجي.
3. ٻج ماپ، انگ ۽ وزن ۾ ھڪجھڙو ھجي.
4. ٻج لاءِ اھو ڪڻڪ جو فصل چونڊ ڪرڻ گھرجي جيڪو سڀ کان سٺو ھجي ۽ گھٽي ان وارو ھجي. انھي ٻاري مان اڻ گھربل ٻوٽا ڪيڏي ڇڏجن.
5. مارچ ۽ اپريل مھيني ۾ جيئن ئي گرمي وڌندي آھي تہ ڪڻڪ جو فصل پچي راس ٿيندو آھي. جڏھن فصل 95 کان 98 سيڪڙو پچي وڃي تہ لاڀارو ڪري عام فصل ۾ ٻين جنسن کان پري ڪنھن محفوظ جڳھہ تي رکڻ گھرجي.
6. ڪڻڪ جي ٿريشر جي چڱي طرح خاطري ڪرڻ گھرجي تہ ڪٿي ان ۾ ڪنھن ٻئي فصل يا جنس جو داڻو تہ موجود نہ آھي.
7. اَن کي ڪنھن پڪي زمين يا فرش تي سڪائجي تہ جيئن ٻج ۾ گِھم 10 سيڪڙو کان وڌيڪ نہ ھجي.
8. سڪايل ٻج کي ڪڏھن بہ پراڻي ٻارداڻي ۾ نہ رکڻ گھرجي. ھميشہ نئين ٻارداڻي (ڳوڻين) ۾ پري ڪنھن محفوظ ھوادار گدام ۾ رکڻ گھرجي.
9. گودام کي صاف ڪري فرش ۽ ديوارن جا ڏار وغيره پري ميلاٿيان دوا ڇڙڪائجي تہ جيئن ٻج کي ڪو جيت نہ لڳي.
10. گدام ۾ ھوادار، خشڪ ۽ روشني جو گذر ھجڻ گھرجي.
11. وقت گذرڻ سان ٻج تي نظر رکڻ گھرجي جيڪڏھن ڪو جيت، سرو اڏوھي يا ڪنا نظر اچن تہ فوري ان جو تدارڪ ڪرڻ گھرجي.

آباد‌گار پائرو اھڙي طرح پنھنجي فصل مان ڪڻڪ جو ڪيل صاف ۽ نج ٻج اينڊڙ موسم ۾ پوکي سگھجي ٿو ۽ وڪري جي حوالي سان بہ سُٺو ناڻو ڪمائي سگھجي ٿو.

# سائي ستابي سنڌ

## ڊائريڪٽوريٽ زرعي اطلاعات، زرعي توسيع سنڌ

**ڪڻڪ:** پوڙي پٽڻ، ڊيڍي ۾ اچڻ ۽ داڻي پرجڻ واري مرحلي ۾ پاڻي جو خاص خيال رکڻ گهرجي نه ته پي صورت ۾ پيداوار کي ڪاپاري ڌڪ لڳندو جيڪو 20 کان 30 سيڪڙو آهي.

- پاڇاتين ڪڻڪن ۾ گندگاهه جو خاتمو آڻجي.
- آڳاٽي جنسن جي لاباري لاءِ اوزات تيار ڪرڻ گهرجي.
- ڪڻڪ جي جنس ۾ جتي رتي جو شديد حملو هجي ته پوءِ ٽلٽ 250 سي سي في 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي ڦوهارو ڪجي. يا نٽيوو 150 گرام 10 گلاس پاڻي ۾ محلول ڪري 8 ٽانڪيون في ايڪڙ ڦوهارو ڪجي.

**ووندڻ:** ووندڻ جي پوک لاءِ زمين جي چونڊ ڪجي، گندگاهه کي صاف ڪجي. بند ۽ اڏون نئين سر تيار ڪجن.

- زمين جو خاڪو اهڙي ريت تيار ڪجي جيئن هر هڪ ٻاري کي الڳ اڏ مان پاڻي ملي.
- زمين جي مٽي چڪاس ڪرائجي.
- پهرين راجا يا مولڊ بورڊ وسيلي هر ڏجن ان کان پوءِ گوبل وسيلي زمين تيار ڪجي. زمين جي سنوت تي توجهه ڏجي.
- ٻج هميشه تصديق ٿيل ۽ علائقي وار جنس وٺجي.
- پوک پنهنجي علائقي جي سفارش ٿيل وقت تي ڪرڻ گهرجي.
- فيبروري ۾ لڳايل پاڇين ۾ جتي به گندگاهه نظر اچي ته ان کي هٿن سان پاڙان پٽجي يا گڏ وسيلي ختم ڪجي هن وقت خريف جي پاڇين جي پوک هلي رهي آهي جيڪڏهن فيبروري ۾ پوکي وارو ڪم رهجي ويو هجي ته هن مهيني ۾ مڪمل ڪجي.

**ڪمند:**

- ڪمند جي بهار واري پوک مارچ جي آخر تائين ڪري سگهجي ٿي.
- خزان واري پوکيل ڪمند کي 15 ڏينهن جي وقفي سان گهرج مطابق پاڻي ڏجي.
- خزان واري پوکيل ڪمند جي جانچ ڪجي جيڪڏهن جيت يا بيماري نظر اچي ته حد جي زرعي ماهر سان مشورو ڪجي.

**پاڇيون:**

- سيني پاڇين کي پاڻي 10 ڏينهن جي وقفي سان گهرج مطابق ڏيو رهجي.
- گهوٽڪي مرچن جو جنوري ۾ لڳايل ٻيجارو زمين ۾ پوک لاءِ تيار هوندو جيڪو زمين جي تياري کان پوءِ شام جي وقت لڳائجي.
- مرچن جي جنس صنم ۽ لونگي جو ٻيجارو تيار ڪرڻو هجي ته هن مهيني ۾ ڪري سگهجي ٿو جنهن لاءِ 6x4 فوٽ جون ٻاريون ڻاهي 500 کان 700 گرام ٻج في ايڪڙ استعمال ڪجي.
- ٻج لاءِ ڇڏيل پاڇين جهڙوڪ: گل گوبي، موري، گوگڙو پتائي گجر، پالڪ، ڏاٽا ۽ ميٿي کي ٻن هفتن جي وقفي سان پاڻي ڏجي ۽ گندگاهه کي ختم ڪجي.
- سيني ولين وارين پاڇين مان گندگاهه کي ختم ڪجي، گهرج مطابق پاڻي ڏجي ۽ پاڻ جو رهيل وزن ڏجي.

**ميووا:**

- نوان باغ لڳائڻ لاءِ جيڪڏهن زمين جي تياري وارو ڪم رهجي ويو هجي ته هن ئي مهيني ۾ پورو ڪجي. باغ جو خاڪو ناهي جنس مطابق کڏ کوٽجي. وٺاڻ جو پاڻ کڏ واري مٽي سان ملائي کڏا پرجن جنهن ۾ به حصا مٽي هڪ حصو پاڻ هجي. کڏ واري مٽي سني نه هجي ته پوءِ شاخن يا واهن جي لَٽ واري مٽي ملائي کڏا پرجن پوءِ کڏن کي پاڻي ڏجي. جڏهن کڏا وٺ ۾ اچن ته پوءِ گهربل جنسون لڳائجن.
- انب، چيڪو ٻير ۽ ڪٽن ميون واري نرسرين ۾ پيوندڪاري وارو عمل ڪرڻ گهرجي، باغن جي صفائي تي خاص توجهه ڏجي. هيٺ ڪريل ڳريل ميوو ٻاهر ڇڏجي.
- ڪيلي جي وڻن ۾ نرجڻ ۽ نراڻڻ وارو عمل جاري رکجي.
- پپيتي جي ٿڙن تي مٽي چاڙهڻ گهرجي.

**مڱ:**

- مڱن جي پوک جيڪڏهن ڪرڻي آهي ته 15 مارچ تائين ڪري سگهجي ٿي.
- پوکي لاءِ 6 کان 8 ڪلوگرام ٻج في ايڪڙ استعمال ڪجي، ڇٽ لاءِ 8 کان 10 ڪلوگرام في ايڪڙ استعمال ڪجي.
- اَيِ اِي ايم 96 جنس سني پيداوار ڏيندڙ جنس آهي.

# وونئڻ پوکڻ لاءِ گھربل زرعي مشينري ۽ اوزار

تحرير: محمد خان جروار

وونئڻ اونهي پاڙ وارو فصل آهي. تنهنڪري زمين جي تياري ٻه اونهائي تائين ڪرڻي پوي ٿي. اونهائي لاءِ جن زرعي اوزارن جي ضرورت پوي ٿي انهن ۾ ٽريڪٽر سان ڇڪجندڙ ڳرا هر جهڙوڪ راجا هر يا ايم بي پلو ٿالهين وارو هر ۽ ڇيزل هر اچي وڃن ٿا. ٿالهين وارو هر پٿريلي زمين يا پوءِ وٽن جي پاڙن واري زمين ۾ هلايو ويندو آهي. راجا هر عام پوکي هيٺ ايندڙ زمين ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ ڇيزل هر وارياسي زمينن لاءِ استعمال ٿئي ٿو.

وونئڻ پوکي لاءِ عام طور گوبل هر جو استعمال وڌيڪ ٿئي ٿو. گوبل هر اصل ۾ پتر پيڇڻ يا اونهن هرن جي استعمال ڪرڻ کان پوءِ استعمال ڪرڻ لاءِ ايجاد ٿيل آهي. تنهنڪري رڳو گوبل هر سان پوک ڪرڻ، ان ڪري ته انهن سالن ۾ زمين جي 15 سينٽي ميٽر اونهائي تائين سخت ته نهي وڃي ٿو. سخت ته نهي وڃڻ ڪان پوءِ هڪ ته پاڻي وغيره 15 سينٽي ميٽر کان هيٺ نٿو وڃي ۽ ٻيو فصل جون پاڙون هيٺ اونهيون نٿيون وڃي سگهن. تنهنڪري گوبل هر جو لڳاتار استعمال ڪرڻ بدران هر ٽن سالن کان پوءِ زمين ۾ اونهو هر ضرور ڏيڻ گهرجي ته جيئن زمين اونهائي تائين پاڻي جذب ڪري ۽ ذخيرو ڪري سگهي. وونئڻ پوکڻ لاءِ اهو تمام ضروري آهي. ان ڪانسواءِ اُپت وڌائي نٿي سگهجي. اونها هر هلائڻ وقت زمين سڪل حالت ۾ هجي. وٽ واري زمين يا آلي زمين ۾ اونها هر هلائڻ جو ڪوبہ فائدو ڪونهي. جيڪڏهن زمين گهٽي سخت هجي ته پوءِ هلڪو پاڻي ڏيئي گوبل هر هلائي ڇڏجي، بعد ۾ اونهو هر ڏيڻ گهرجي.

راجا، ٿالهين واري هر کان پوءِ گوبل هر هلائڻ گهرجي. جڏهن پتر وغيره پيچي وڃن ته زمين کي سنوت ڪرڻ، ڪلٽيويٽر هلائجي ته جيئن زمين وڌيڪ نرم ٿي وڃي. ڏاندن جا هر به سنوت ٿيل زمين ۾ بهتر رهن ٿا. تنهنڪري جتي آبادگار ۽ هاري ٽريڪٽر ۽ ڏاندن جو گڏيل استعمال ڪن ٿا اُتي پهريائين ٽريڪٽر وسيلي زمين کولي وڃي ٿي ۽ بعد ۾ ڏاندن جا هر ڏيئي زمين کي فصل پوکڻ لاءِ ناهيو ويندو آهي. ڏاندن جي صورت ۾ به ٽي يا چار هر چڱي طرح ڏيئي ڪريا ناهڻ گهرجن.

ڪريا پوک وڌيڪ ڪامياب آهي، تنهنڪري هر آبادگار کي وونئڻ ڪرين تي پوکڻ گهرجي. ڪريا پوک ۾ پهرين شروعاتي دؤر ۾ ٻه ٽي پاڻي تڪڙا هر هفتي ڏيڻا پون ٿا. درياهي پاڻي گهٽ هجي يا پوڇڙ ۾ گهٽ پاڻي وارن علائقن ۾ جتي زير زمين پاڻي سنو هجي ته اهو ڪتب آڻي ڪريا پوک کي ڪامياب ڪجي.

ڪرين ناهڻ لاءِ ٽريڪٽر تي ڇڪجندڙ ڪرين واري هر وسيلي ڪريا ناهجن يا ڏاندن واري خاص هر وسيلي ڪريو ناهجي جيڪو هوندو ئي ڪريا ناهڻ لاءِ آهي. ڪجهه آبادگار ڏاندار ۽ بعد ۾ ڪوڏر وسيلي پڻ ڪريا ناهين ٿا. ان ۾ محنت وڌيڪ ڪرڻي پوي ٿي پر جتي ٽريڪٽر يا ڏاندن وسيلي ڪريا ناهڻ ممڪن نه هجي ته هٿن سان ڏاندار ۽ ڪوڏر وسيلي پڻ ڪريا ناهي سگهجن ٿا.

# ملچ جا فائدا

ڊاڪٽر محموده پرڙو ايسوسيئيٽ پروفيسر ڊپارٽمينٽ آف ايگرانامي زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام

ملچ لفظ جي معنيٰ آهي زمين کي ڍڪڻ (وٽن جي باقيات سان، ٻهه سان يا سڪل پنن سان) جيئن اسان جي زمين بچي سگهي. موسمي حالتن کان ۽ انهي ۾ پيدا ٿيندڙ فصل آساني سان واڌ ويجهه ڪري. جهڙوڪ ملچ جي ٿلهي تهه ڏيڻ سان زمين جي نمي ۽ گرمي پد کي برقرار رکي سگهجي ٿي انهي سان هڪ فائدو هي به ٿيندو ته غير ضروري گندگاهه گهٽ ڦٽندا پر جيڪڏهن ڪجهه گندگاهه ڦٽي به ايندا ته انهي کي آساني سان ختم ڪري سگهجي ٿو. اهو عام مشاهدو آهي ته جن باغن ملچ ڪيو ويو آهي اهي سٺي پيداوار ڏين ٿا.

ملچ جا ٻه قسم ٿين ٿا هڪ قدرتي ملچ ٻيو هٿرادو ملچ. هر قسم جي ملچ جا وري پنهنجا فائدا ۽ نقصان آهن انهيءَ لاءِ لازمي آهي ته ملچ ڪرڻ کان پهرين فائدن ۽ نقصان جو جائزو ونجي. نامياتي ملچ ۾ وٽن جا پن، سڪل گاهه، ڪاٺ جو ٻورو وٽن جون ٽاريون، ڇٽيل پن ۽ پراڙ وغيره کي ڪتب آندو وڃي ٿو.

**نامياتي ملچ جا فائدا:** هن طريقي سان زمين کي صحتمند ڪري مستقبل لاءِ ڪارائتو بڻائي سگهجي ٿو. هن طريقي ۾ زميني ڪيڙا (سانپا) زمين ۾ رهي زمين کي کولين ٿا. جنهن سان زمين ۽ باغن ۾ زرخيزي وڌي ٿي انهي سان گڏوگڏ هي ڪيڙا (سانپا) زمين جو مٿيون تهه کائي ڇڏين ٿا ۽ هضم ڪرڻ کان پوءِ زمين ۾ مادو خارج ڪن ٿا جنهن سان زمين جي زرخيزي برقرار ٿئي ٿي.

نامياتي ملچ هڪ پاڻ جو قسم آهي جيڪو فصلن جي پيداوار ۽ زمين جي ساخت ۽ غذائي جزن کي برقرار رکي ٿو. هي نامياتي تهه زمين جي نمي کي پڻ برقرار رکي ٿو ۽ ٻين فائدن سان گڏ باغن ۽ فصلن ۾ پاڻ جي ڪمي ۽ گُڏ واري عمل کي گهٽائي ٿو ۽ وڌو فائدو اهو آهي ته گرمي ۾ زمين کي سخت ٿيڻ کان روڪي ٿو جيئن ته گرمي جي موسم ۾ مينهن گهٽ پون ٿا ۽ گرمي گهٽي ٿئي ٿي تڏهن زمين سخت ٿي ويندي آهي جيڪا فصلن جي واڌويجهه کي روڪي ٿي. نامياتي ملچ انهن فصلن ۽ ٻوٽن لاءِ ضروري آهي جنهن ۾ مستقل طور تي نمي جي ضرورت پوي ٿي.

نامياتي ملچ فصلن کي صحتمند رکي ٿو ۽ فصل جي واڌويجهه جي لاءِ بنيادي عنصر مناسب گرمي پد آهي جڏهن ته هي موسمياتي تبديلين کي مُنهن ڏيڻ جو واحد طريقو آهي جيڪو ٻوٽن کي موسم جي حساب سان مناسب گرمي پد پيدا ڪري ٿو. گرمي جي موسم ۾ نمي کي برقرار رکي زمين کي ٿڌو رکي ٿو ۽ سياري ۾ وري ٻوٽن کي پاري ۽ تيز ٿڌي هوائن ۽ برف باري کان پڻ بچائي ٿو.

# مارچ مهيني ۾ ڪٽڪ جي سار سنڀال لاءِ صلاحون

ظفر علي کوکر، پرنسيپل سائنٽسٽ، ڪٽڪ جو تحقيقاتي ادارو سڪرنڊ

آبادگار ڀائرو! مارچ مهيني ۾ آڳاٽي ڪٽڪ جو جيڪڏهن داڻو پچي ويو آهي ته ان جو پاڻي بند ڪيو وڃي. هوئنءَ به ڪٽڪ آپوڻ ۾ اچڻ ڪانپوءِ ان کي پاڻي ڏيڻ جي ضرورت ڪانه پوندي آهي. ڊسمبر مهيني جي پاڇاتين جنسن واري پوک داڻي ۾ کير اچڻ يا کيرو داڻو تيار ٿيڻ واري مرحلي ۾ هوندو. پاڇاتي فصلن کي گهرج سارو پاڻي ضرور ڏيڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪچي داڻي ۾ آخري پاڻي نه ڏبو ته ڪٽڪ داڻو ماري سنهو ڪري ويندي. ڪٽڪ جو منداتو فصل موسم بدلجڻ سان مارچ جي آخري هفتي ۾ پچڻ شروع ڪندو آهي. فيبروري جي آخر ۽ مارچ جي مهينن ۾ گهڻو ڪري ڏکڻ اولهه جون هوائون لڳنديون آهن. انهيءَ ڪري پاڇاتي ڪٽڪ کي پاڻي ڏيڻ وقت ان جو خيال رکجي. تيز هوا ۾ ڪٽڪ کي پاڻي هرگز نه ڏجي. ڇاڪاڻ ته پاڻي ڏيڻ سان داڻي جي وزن سبب ۽ هوا جي ڪري ڪٽڪ ڪري پوندي ۽ ڪريل ڪٽڪ داڻو ماري ويندي.

مارچ مهيني ۾ ڪٽڪ گهڻو ڪري آپون ۽ پچڻ واري مرحلي ۾ هوندي آهي. ان ڪري آبادگارن کي صلاح ڏجي ٿي ته ايندڙ سال لاءِ ڪٽڪ جو ٻج رکڻ لاءِ هينئر ئي بندوبست ڪن. ايندڙ سال ٻج رکڻ لاءِ ڪنهن سٺي جنس جي ٻيڻل ٽڪر جو انتخاب ڪرڻ گهرجي. پنهنجي ايراضي مان چونڊ ٽڪري مان گاڏڙ ڌارين جنسن جا ٻوٽا پٽي اڇلائي ڇڏجن. فصل کي سراسري نظر سان ٻيهي نهاري ڏسجي. جيڪڏهن سنگ هيٺ مٿي نظر اچن ته ڏاتي سان لُٽي يا هٿ سان پٽي صاف ڪري پري ڦٽو ڪجن. اهڙيءَ طرح تسليءَ سان جانچي ڏسجي ته جيئن ڪو ڌارئي جنس جو سنگ رهجي نه وڃي. اهڙيءَ طرح جيئن فصل لاباري ڪان ٻهريان صاف ۽ هڪ گرو نظر اچي. ٻج واري ٽڪري مان جيڪڏهن گندگاهه جا ٻوٽا نظر اچن ته پٽي ختم ڪري ڇڏجن. ائين ڪرڻ سان ايندڙ سال لاءِ صاف ۽ سٺي جنس جو ٻج حاصل ڪري سگهبو.

ڪٽڪ پچڻ مهل ڪتي ڪتي پکل اَن کي جهرڪيون به ڪائينديون آهن. ان ڪري پنهنجي فصل کي نقصان کان بچائڻ لاءِ جهار هڪلڻ گهرجي. ڪٽڪ جي فصل جي آسپاس ٻيڻل وڻ سياري جو چانگي ڇڏجن ڇاڪاڻ ته پکي جهرڪيون وغيره وڻن ۾ پناهه وٺي فصل کي نقصان ۽ آڏن ۽ ٻنن تي گندگاهه موجود هجن ته انهن جي به صفائي ڪرڻ گهرجي.

مارچ جي آخري هفتي ۾ ڪٽڪ پچي ويندي آهي. اُن ڪري لاباري لاءِ تياري ڪرڻ گهرجي. هن مهيني ۾ آبادگار هاري ڀائر ڪٽڪ جي لاباري لاءِ اوزار ڏاٽا وغيره اوزات تيار ڪري رکن جيئن ڪٽڪ پچي ته فوراً لابارو شروع ڪري سگهن.

ڪٽڪ جي فصل لاءِ مارچ جو مهينو تمام اهم آهي. ان ڪري فصل جي صحيح سارسنڀال ڪرڻ گهرجي. ڀرپور توجهه ڏيڻ سان ڪٽڪ مان سٺي پيداوار حاصل ڪري سگهجي ٿي.

# زمين هموار ڪرڻ جا فائدا

سنڌ ايريگيٽيڊ ايگريڪلچر پروڊڪٽوٽي انهانسمينٽ پروجيڪٽ

فصلن جي مناسب آبپاشي ۽ محدود وسيلن مان ڀرپور فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته آبپاشي سرشتي جي مختلف مرحلن ۾ پاڻيءَ جي زيان کي روڪيو وڃي، اهڙيءَ طرح نه صرف هر فصل جي ڀرپور پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ مقرر مقدار ۾ پاڻي مهيا ڪري سگهبو بلڪ وافر پاڻيءَ جي فراهمي سبب ملڪ سطح تي وڌيڪ زمين سيراب ڪري وڌيڪ پيداوار حاصل ڪري سگهجي ٿي.

پاڪستان جو آبپاشي نظام جيتوڻيڪ پنهنجي وسيت جي اعتبار کان دنيا جو پراڻو ۽ منفرد آبپاشي نظام تصور ڪيو وڃي ٿو پر پنهنجي صلاحيت جي لحاظ کان اوترو وري پيچيده به آهي، اسان جي دريائن مان حاصل ٿيڻ واري ساليانه 142 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻيءَ مان صرف 40 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي فصلن جي آبپاشيءَ جي لاءِ مهيا ٿئي ٿو جڏهن ته ڪنهن نه ڪنهن مرحلي تي اهڙن عملن جي ور چڙهي وڃي ٿو جن جي ذريعي اهو نه صرف ضايع ٿي وڃي ٿو پر نقصان جو باعث به ٿي رهيو آهي ۽ اسان جون زرخيز زمينون سم ۽ ڪلر جي ور چڙهي رهيون آهن.

انهن ئي سببن مان هڪ زمين جو ناهموار هجڻ آهي، جنهن جي ڪري قيمتي پاڻي ضايع ٿي زرعي پيداوار ۾ گهٽتائي جو سبب بڻجي ٿو جيئن:

1. زمين ۾ مٿانهن حصن تائين پاڻي پهچائڻ لاءِ زمين کي گهڻي مقدار ۾ اضافي پاڻي فراهم ڪرڻو پوندو آهي.
2. آبپاشيءَ لاءِ پاڻيءَ جو مقدار محدود هجڻ سبب زمين جي مٿانهين وارن حصن تي آبپاشي ناڪافي هوندي آهي، جڏهن ته هيٺانهين وارا حصا ضرورت کان وڌيڪ سيراب ٿيندا آهن. ان ڪري زمين جي مٿين حصن ۾ لوڻيات جي جمع ٿيڻ سان ڪلر پيدا ٿيندو آهي، جڏهن ته هيٺين حصن ۾ ٻيڻل پاڻي زير زمين ڪار پاڻيءَ سان ملي ڪري سم جو باعث ٿيندو آهي.
3. پوري زمين ۾ وٽ جو هڪ جهڙو نه هجڻ ڪري ٻج جي پوکي ۽ ان جو اسرڻ بُئي متاثر ٿين ٿا، جنهن ڪري پيداوار تي منفي اثر پوندا آهن.
4. ناهموار زمين جي مختلف حصن ۾ گِهم جي گهٽ وڌ هجڻ ڪري پاڻ زيان تي ويندو ۽ آبادگار کي نقصان ٿيندو.

جيڪڏهن زمين جي سنوت گهربل معيار مطابق ڪئي وڃي ته نه صرف پاڻيءَ جي بچت ٿيندي پر ان سان زمين جي خاصيت به تبديل ٿي ويندي آهي.

## هموار زمين جا هيٺيان فائدا آهن:

1. پوري فصل ۾ پاڻيءَ جو ڦهلاءَ هڪ جيترو هوندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح آبپاشيءَ جي صلاحيت وڌي ويندي آهي.
2. هموار زمين سان پاڻيءَ جي 25 کان 30 سيڪڙو بچت ٿيندي آهي جنهن ڪري وڌيڪ ايراضيءَ تي فصل پوکي سگهجن ٿا.
3. ٻوٽن جي واڌ ويجهه هڪ جهڙي ٿيندي آهي، جنهن ڪري پيدوار ۾ 20 سيڪڙو اضافو ٿئي ٿو.
4. ڪيميائي ڀاڻ جو استعمال به سموري فصل ۾ هڪ جيترو ٿيندو.
5. پوري زمين ۾ هڪ جهڙو پاڻي بيهڻ سان زمين ۾ موجود ڳرڻ جوڳا نقصان ڪار لوڻيات پاڻيءَ ۾ حل ٿي ڪري ٻوٽن جي پاڙن کان هيٺ هليا ويندا آهن، جنهن ڪري فصل جي پيداوار ۾ ڪافي واڌارو ٿيندو آهي.

# اناج جو ذخيرو مسئلا ۽ حل

**ڊائريڪٽوريٽ زرعي اطلاعات زرعي توسيع سنڌ**

اسان جو ملڪ پاڪستان اناج جي ذخيري لاءِ وڏي پيماني تي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. جنهن جا بنيادي ڪارڻ ٻج ذخيري جا روايتي طريقا، گهٽ ڪمرشل اناج وارا اسٽوريج ۽ انهن جا اڻپورا انتظام آهن. ماڻهو اڄ بہ گهڻو ڪري پنهنجي اناج کي گودامن ۾ ذخيرو ڪن ٿا. جيئن اناج سندن لڪل دشمنن جهڙوڪ: پکي، ڪوئن، نقصانڪار جيتن کان محفوظ رهي.

خوراڪ واري اناج جو ذخيرو هارين، واپارين، توڙي حڪومت لاءِ هڪ حساس مسئلو آهي. جيئن انهيءَ کي سڄي ملڪ ۾ صحت لاءِ صحيح حالتن مطابق رکي سگهجي. ڪڻڪ، سارين ۽ تيلي ٻج جي روايتي ۽ غير روايتي فصلن جي پيداوار ۾ اضافي سان انهن کي ڊگهي عرصي تائين محفوظ رکڻ هڪ اهم مسئلو ٿي چڪو آهي. موجوده ذخيري ڪرڻ وارين مهيا ڪيل سهولتون وڌندڙ پيداوار لاءِ اڻپوريون آهن.

ڪڻڪ، سارين، دالين ۽ تيلي ٻجن جو ذخيرو خوراڪي ضرورتن ڪارڻ تمام گهڻي اهميت جو حامل آهي. ذخيري جي گهٽ سهولتن هئڻ ڪري ٻج/ خوراڪ خراب ٿيڻ جو خطرو رهندو آهي. ڪڻڪ ئي فقط اهڙو اناج وارو فصل آهي، جيڪو گهٽ خرچ واري ٽيڪنالاجي ۽ زهريلين دوائن جي استعمال کان بغير ٻج، پاڻ، پاڻي ۽ فارم مشينيري تي اپائي سگهجي ٿو. جڏهن تہ سارين، ڪپهہ، ڪمند تمام گهڻو خرچ ڪائين ٿا. انهيءَ ڪري انهن کي اٿين چڏي ڏيڻ سان تمام گهڻو نقصان ٿئي ٿو.

اناج جو ذخيرو هڪ تاريخي عمل آهي. قديم زماني دوران حضرت يوسف عليہ السلام واري دور ۾ مصر ۾ ستن سالن واري سخت ڏڪار واري وقت ۾ اناج ذخيري ڪرڻ جي بندوبست کي اهميت ڏني وئي. حضرت يوسف عليہ السلام کي انچارج مقرر ڪري ڪين ان جي ذخيري جي سنڀال جي ذميواري ڏني وئي. جيڪا هن نهايت ئي خوش اصلوبيءَ ۽ حڪمت عمليءَ سان سرانجام ڏني.

## ذخيري جا مسئلا:

- گهٽ گنجائش وارا اسٽور.
- مقامي ڪچين گندين جو استعمال.
- اڻ صاف ٿيل اسٽور.
- غير هوادار، سيرن ۽ سوراخن وارا اسٽور.
- غير معياري اسٽور (پڪل پٽيون، دريون ۽ ٽٽل فرش).
- بغير ڇت وارا اسٽور جنهن کي پکي، ڪترينڊڙ جانور، جيت جڻيا آساني سان نقصان پهچائين ٿا.
- گئس/دونهون وغيره ڪرڻ وقت هوا بند نہ هئڻ.
- ڦوهاري ۽ دونهين ڪرڻ جو اڌورو عمل.
- اناج کليل ذخيرو ڪرڻ ۽ ڍڳ ڪرڻ.
- برسات جا خطرا.
- جيتن ۽ بيمارين جو مسئلو.
- گهڻي گرمي ۽ گهم جو مسئلو.
- اناج جو غير معياري هئڻ (گند، ڪچري، مٽي جيتن ۽ ڦنگين جو موجود هئڻ).
- صحت جي اصولن خلاف اسٽور ڪرڻ.

## محفوظ ذخيري لاءِ احتياطي اپاءَ:

- گودامن جي صفائي جو اعليٰ معيار رکڻ گهرجي. ذخيري واري جاءِ کي صحيح طريقي سان صاف سٿرو رکڻ گهرجي ۽ گند ڪچرو ٻاهر اچلائي صفائي ڪرڻ گهرجي.
- ذخيري ڪرڻ وارو ٻج صاف صحتمند ۽ ڪک ڪچري کان آجو هئڻ گهرجي.
- ذخيري واري جاءِ اهڙي هنڌ هجي جيڪا اناج جيتن، بيمارين، ڪوئن ۽ گِهم وغيره کان محفوظ هجي.
- اناج ذخيرو ڪرڻ واري گودام کي ذخيري ڪرڻ لاءِ هڪ مهينو پهرين مٽي جو ليپو ڏجي يا سيمينٽ سان سيرون ۽ سوراخ بند ڪجن.
- چن ۽ توتئي جو ڳار ناهي پوچي هٽو ڳار ناهڻ لاءِ 2 ڪلوگرام توتيو الڳ ٿانو ۾ ۽ 20 ڪلو چن الڳ ٿانو ۾ رات جو پُسائي رکجي ۽ ٻئي ڏينهن ڇاڻي ملائي 100 لٽر پاڻيءَ ۾ وجهي پوچي هٽو.
- ذخيري ڪرڻ واري جاءِ ۾ هوا جي ڪراس جو پورو بندوبست رکڻ گهرجي.
- ٻج کي گودام ۾ ذخيرو ڪرڻ گهرجي. ذخيري ڪرڻ کان پهرين اسٽور واري جاءِ خشڪ ۽ هوادار ڪرڻ گهرجي (مطلب تہ ٻج ۽ گودام خشڪ هئڻ گهرجي).
- محفوظ ذخيري ٻج ۾ گِهم (نمي) جو مقدار 8 کان 12 في سيڪڙو يا ان کان بہ گهٽ هئڻ گهرجي.
- ذخيري واري ايراضي برسات کان محفوظ هجي.
- ذخيري واري ايراضي ۾ جيتن تي ضابطي آڻڻ کي يقيني بڻائجي.
- گودام ڪترينڊڙ جانورن، پکين کان محفوظ هجي جنهن ۾ ڪليل هوا، مضبوط دڪا، دروازا، دريون ۽ فرش سيرن ۽ سوراخن کان آجا هجن.
- فرش جي لهواري سطح رکڻ گهرجي، تہ جيئن پاڻي آساني سان وهي ٻاهر نڪري وڃي.
- بورين دڪن وغيره تي رکڻ گهرجن. جيئن اهي سڌي طرح فرش تي نہ لڳن ۽ ٻج خراب نہ ٿئي.ذخيري لاءِ بورين جيت جڻين کان پاڪ صاف ڪري پوءِ استعمال ڪجن. پراڻيون بوريون هرگز استعمال نہ ڪجن، نيون بوريون سڪائي پوءِ استعمال ۾ آڻجن.
- مجبوري جي حالت ۾ پراڻين بورين کي گرم پاڻي ۾ ٽهڪائي ۽ انهن کي سڪائي پوءِ استعمال ڪجي.
- بورين ۾ جيت وڌيڪ هجن تہ پاڻيءَ سان گڏ هڪڙي ٻُجي گاسليٽ جي بہ وجهجي ۽ بعد ۾ صاف پاڻيءَ ۾ بوريون ڌوئي سڪائي پوءِ ان ڀريو.
- ڪپڙي جون بوريون يا ٿانو استعمال ڪرڻا پون تہ پوءِ انهن کي دونهون يا واس ڏيئي پوءِ استعمال ڪجي.
- بوريون قطارن ۾ سرن جي ٿهيل دڪن تي رکڻ گهرجن.
- دونهون يا واس ڏيئي پوءِ استعمال ڪجي.
- بوريون قطارن ۾ سرن جي ٿهيل دڪن تي رکڻ گهرجن.
- دونهين/واس ڏيڻ واري عمل لاءِ ذخيري واري جاءِ کي هوا بند ڪرڻ گهرجي.
- نقصانڪار جيتن کي مارڻ لاءِ گُندين، پلين ۽ اسٽور هائوسن ۾ در دريون بند ڪري اڱارين/ڪوئلن جو دونهون ڪجي.

# پاڃين جي پوک

غلام مصطفيٰ نانگراج، ڊائريڪٽر زرعي اطلاعات، زرعي توسيع سنڌ

فيبروري مارچ پاڃين جي پوکيءَ لاءِ نهايت ئي موزون مهينا سمجهيا وڃن ٿا. هنن مهينن ۾ پيئنديون، مرچ، واڱڻ، گوار، ميها، ڪريلا، ديسي توري، ڪدو، چانهيون، ڪيرا، سُنڍ يا ادرڪ، هيڊ وغيره ڪاميابيءَ سان سڄي سنڌ ۾ پوکي سگهجن ٿيون.

پاڃين جي سٺي ۽ منافعي بخش پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ هيٺين ڳالهين تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي.

1. زمين ڪي في ايڪڙ تي ٽرڪون ڳريل سڙيل ڀاڻ جون وجهي هرن ذريعي ملائي ريج ڏئي چڙڻ ڏجي ۽ مهيني جي وقفي کان پوءِ پاڃين جي پوکيءَ لاءِ زمين تيار ڪري پوکي ڪجي.
2. زمين ڪي اونها هر ڏئي مڪمل هموار ڪري پوکي ڪجي.
3. پوکيءَ لاءِ ولين وارين پاڃين ڪي ويڪرن ڪرين تي ۽ اُڀين وَٿندڙ پاڃين ڪي گول ڪرين تي پوکجي.
4. ڇونگيون هميشه سيڪ واري جاءِ تي هٽجن پاڻيءَ ۾ ڇونگي هرگز نه هٽجي.
5. ڪيميائيءَ ڀاڻ، زمين جي ليبارٽريءَ مان مٽي چڪاس ڪرائي ليبارٽريءَ جي رپورٽ مطابق ڏجي.
6. ڇونگيون هٽڻ بعد ٻه ٽي پاڻي تڪڙا ڏيڻ گهرجن.
7. لُڪَ يا گرم هوائون لڳڻ واري طرف کان مانجهاندڙي پوکجي ته جيئن گرم جهولو پاڃيءَ کي ساڙي نه وجهي.

| پاڃي جو نالو | پوکيءَ جي مند | ٻج جو مقدار في ايڪڙ | ڪرين جي ويڪر | ڇونگين جو فاصلو | ڀاڻ في ايڪڙ | پاڻي |
|---|---|---|---|---|---|---|
| گوار | فيبروري کان مارچ | 2 کان 2 ½ ڪلوگرام ڪرين لاءِ | 3 فوٽ | 6 کان 9 انچ | ڊي اي پي هڪ کان ٻه ٻوريون، يوريا هڪ ٻوري ۽ پوٽاش هڪ ٻوري پوکي وقت | 10 کان 12 ڏينهن جي وقفي سان گهرج مطابق |
| ڪريلا | فيبروري کان مارچ | 2 کان 2 ½ ڪلوگرام | 4 کان 6 فوٽ | هڪ کان 1 ½ فوٽ | ڊي اي پي هڪ کان ٻه ٻوريون يوريا هڪ ٻوري ۽ پوٽاش هڪ ٻوري في ايڪڙ پوکيءَ وقت | هفتي ڏيڍ جي وقفي سان گهرج مطابق |
| ديسي توري/ گيها توري | فيبروري کان مارچ | 2 کان 2 ½ ڪلوگرام | 6 کان 8 فوٽ | 2 فوٽ | ڊي اي پي هڪ کان ٻه ٻوريون، يوريا هڪ ٻوري ۽ پوٽاش هڪ ٻوري في ايڪڙ پوکيءَ وقت | هفتي ڏيڍ جي وقفي سان گهرج مطابق |
| ڪدو | فيبروري کان مارچ | ڏيڍ کان 2 ڪلوگرام | 8 کان 12 فوٽ | 2 فوٽ | ڊي اي پي هڪ کان ٻه ٻوريون، يوريا هڪ ٻوري ۽ پوٽاش هڪ ٻوري پوکي وقت | 10 کان 15 ڏينهن جي وقفي سان گهرج مطابق |
| چانهين | فيبروري کان جولاءِ | 2 ڪلوگرام | 6 فوٽ | 2 فوٽ | ڊي اي پي هڪ کان ٻه ٻوريون، يوريا هڪ ٻوري ۽ پوٽاش هڪ ٻوري في ايڪڙ پوکي وقت | 10 کان 15 ڏينهن جي وقفي سان يا گهرج مطابق |
| ڪيرا | جنوري کان مارچ | 2 ڪلوگرام | 8 فوٽ | 1 ½ کان ٻه فوٽ | ڊي اي پي هڪ کان ٻه ٻوريون، يوريا هڪ ٻوري ۽ پوٽاش هڪ ٻوري في ايڪڙ پوکي وقت | هفتي ڏيڍ جي وقفي يا گهرج مطابق |
| سنڍ يا ادرڪ | مارچ کان اپريل | 10 کان 12 مڻ ٿڙيون | 1 ½ فوٽ | 6 انچ | اين پي ڪي (NPK) هڪ ٻوري في ايڪڙ پوکي وقت | پوکيءَ کان پوءِ ٻه يا ٽي تڪڙا پاڻي بعد ۾ 4 کان 7 ڏينهن جي وقفي سان ضرورت مطابق |
| هيڊ | مارچ کان اپريل | 8 کان 10 مڻ ٿڙيون | 1 ½ فوٽ | 6 انچ | اين پي ڪي (NPK) هڪ ٻوري في ايڪڙ پوکي وقت | پوکيءَ کان پوءِ ٻه ٽي پاڻي تڪڙا ڏجن بعد ۾ هفتي هفتي تي ضرورت مطابق |

# ٽماٽي جون بيماريون ۽ ان جو علاج

خالد اقبال راجپوت ڊائريڪٽر، پوٽن جي بيمارين جو شعبو اي آر آءِ ٽنڊوڄام

**1. پوٽن جو مرجهائجڻ:** هي هڪ نهايت ئي خراب بيماري آهي جيڪا ٽماٽي جي نرسري ۾ تمام گهڻي اثرانداز ٿيندي آهي. هي بيماري پوٽي تي مختلف مرحلن جي دوران حملي آور ٿيندي آهي هڪ ته جڏهن پوٽي جو ٻج زمين ۾ ڦٽڻ شروع ڪندو آهي تڏهن ۽ ٻيو جڏهن سِلو نڪرڻ شروع ڪندو آهي. ۽ پوٽي جي ڳوڙهي واري حصي تي وڌيڪ حملي آور ٿيندي آهي ۽ ڳوڙهي سُڪي ويندو آهي ۽ آهستي آهستي پن ڇڻڻ شروع ٿي ويندا آهن.

**2. اَگاٽو ساڙ:** هي بيماري پوٽي ۾ پنن جي لڳڻ مهل ۽ ڪنهن به مرحلي تي سگهي ٿي. ان بيماري مان پوٽي ۾ پنن تي نشان ٿي ويندا آهن ۽ سڪي ويندا آهن ۽ هي حملو اڪثر ڪري پراڻن پنن تي ٿيندو آهي ۽ اهو داغ پوٽي جي پنن تي وڌڻ شروع ٿي ويندو آهي ۽ وقت گذرڻ سان ¼ انچ تائين پنن ۾ انهن جو گهيرو ٿي ويندو آهي جنهن سان پنن جو رنگ پيلو ٿي ويندو آهي. جيڪڏهن ان وقت گرمي پد ۽ گهم گهڻي هوندي ته ان بيماري جو اثر وڌي ويندو آهي.

**3. پاڇاٽو ساڙ:** هي بيماري اڪثر ڪري گهڻي گهم واري موسم ۾ نمودار ٿيندي آهي. جنهن سان تمام گهڻي معاشي ڪمي ٿيڻ جا خدشا هوندا آهن. هي بيماري پنن تي گهڻي مقدار ۾ اثرانداز ٿيندي آهي جنهن سان پنن جي شڪل ناهموار ٿي ويندي آهي ۽ انهن جو رنگ ناسي ٿي ويندو آهي. گهڻي گهم ۾ ان بيماري جون علامتون وڌي وينديون آهن. جڏهن ان بيماري جو حملو وڌي ويندو آهي ته پوٽي جي پنن جي ڪنارن تي اڇي ڪپهه جهڙي شڪل اختيار ٿيندي آهي ۽ ميوي جي مٿان به ڪپهه جهڙي اڇي شڪل اختيار ڪندي آهي.

**4. ٽماٽي ۾ پن مروڙ بيماري:** هي بيماري اڇي مک جي ڪري ڦهلجندي آهي. اها ٽماٽي جي نهايت ئي خطرناڪ بيماري آهي جنهن سان پوٽي جا پن هيٺائين طرف ڪان مڙڻ شروع ڪندا آهن ۽ نوان ڦندڙ پن آهستي آهستي پيلي رنگ جا ٿي ويندا آهن ۽ مڙڻ جون نشانيون ظاهر ڪندا آهن ان سان گڏ پوٽي جي واڌ ويجهه تي اثر پوندو آهي. ۽ پوٽي جي شڪل ۽ قد ننڍو ٿي ويندو آهي.

**5. اينٿرا ڪنوز:** ان بيماري جي حملي سان ٽماٽي ۾ ميوي جو مقدار گهٽ ۽ ننڍو ٿيندو آهي. ۽ ان سان گڏ سُڪي ويندو آهي ۽ ڪري پوندو آهي ۽ ميوي تي نشان ٿي ويندا آهن جيڪي آهستي آهستي وڌڻ شروع ڪندا آهن ۽ ٽماٽي تي مختلف سائيزن جا گول دائرا ٺهڻ شروع ڪندا آهن. گرم ۽ گهميل ماحول ۾ هي فنگس ميوي جي اندر داخل ٿيندي آهي ۽ ان کي مڪمل طور تي تباهه ڪري ڇڏيندي آهي.

بيمارين جو تدارڪ هيٺ ڄاڻايل دوائن سان ڪجي.

**1. پوٽن جو مرجهائجڻ:**

- ٻج پوکڻ کان اڳ ۾ دوا لڳائي پوءِ پوکجي
- متاثر ٿيل پوٽن کي فنگس دوا جو ڳار ناهي پاڙ ۾ ڏجي
- ڊيوبينٽ اسٽار 1 ملي لٽر کي 1 ڪلو ٻج ۾ ملائي پوءِ پوکائي ڪجي.
- ريڊومل گولڊ فنجيسائيڊ جو ڳار ناهي 250 گرام 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي پاڙ ۾ ڏجي.

**2. اَگاٽو ساڙ:**

- متاثر ٿيل پوٽن جي حصن کي ڪٽي اجلائي ڇڏجي.
- فصل جي وار ڦير (Crop Rotation) به ان بيماري جي اثر کي گهٽائي ٿو
- جيئن بيماري ظاهر ٿئي ته جلد ئي هيٺ ڏنل فنجيسائيڊ جو ڦوهارو ڪجي.
- انٽراڪال 250 گرام 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي في ايڪڙ ڦوهارو ڪجي.
- نٽيوو 65 گرام 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي في ايڪڙ ڦوهارو ڪجي.
- ڪاپسن ايم 100 گرام 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي في ايڪڙ ڦوهارو ڪجي.

**3. پاڇاٽو ساڙ:**

- بيماري کان پاڪ ٻج لڳائجي.
- متاثر ٿيل پوٽن کي ڪابه ڪاپربيس فنجيسائيڊ جو ڦوهارو 7 کان 10 ڏينهن جي وقفي سان ڪجي.

**4. ٽماٽي ۾ پن مروڙ بيماري:**

- متاثر پوٽن کي فصل مان ڪڍي پري باهه ڏيئي ساڙي ڇڏجن.
- گندگاهه کي جلد ئي ڪڍي ڇڏڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته اهو ان بيماري جو سبب هوندو آهي.
- فصل جو روزانو معائنو ڪرڻ گهرجي ۽ ان ۾ موجود اڇي مک جي آبادي جي ڪٽپ ڪجي.
- ڪنهن جيتن جي ماهر جي مشوري سان جلد از جلد دوا جو ڦوهارو ڪجي.

**5. اينٿرا ڪنوز:**

- ان بيماري کان بچڻ جي لاءِ فصل مان زمين تي ڇٽيل پن هڪدم ڪڍي باهر ڪجن.
- فصلن جو وار ڦير (Crop Rotation) به تمام ضروري آهي.
- هن بيماري جي تدارڪ لاءِ ڏنل زرعي زهرن کي 5 کان 7 ڏينهن جي وقفي سان ڦوهارو ڪجي.
- نٽيوو 65 گرام 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي في ايڪڙ ڦوهارو ڪجي.
- انٽراڪال 250 گرام 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي في ايڪڙ ڦوهارو ڪجي.
- ايلئٽ فنجيسائيڊ زرعي زهر 250 گرام 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي في ايڪڙ ڦوهارو ڪجي.

# انب جا نقصانڪار جيت ۽ انهن جو تدارڪ

زرعي هدايتون: آءِ سي ٽي، زرعي توسيعي مرڪز سنڌ

انب جي وڻن تي ڪيترن ئي قسمن جا جيت حملو ڪري گوڙهن نڪرڻ کان وٺي ميوي پچڻ تائين نقصان پهچائن ٿا. انهن مان اهم نقصانڪار جيتن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو.

**انب جو مهلو يا تيلو** (Mango Hopper): هي جيت ٽڪنڊي قسم جو ٿيندو آهي. جيڪو هلڻ ۾ تمام تيز ۽ چست هوندو آهي. هن جيت جا 3 قسم ٿيندا آهن. جيڪي انبن جي نون گوڙهن ۽ ٻور نڪرڻ وقت حملو ڪري پنن جي واڌ ويجهه کي ڪافي متاثر ڪن ٿا. انب جي تيلي يا مهلي جو اصل گهر انب جو ٿڙ هوندو آهي جنهن ۾ هو لڪل هوندو آهي ۽ پنهنجي زندگي جو دورانيو پورو ڪندو آهي ان لاءِ اڳواٽ بچاءُ طور اسان کي انب جي وڻ جي ٿڙ کي چڱيءَ نموني ڦوهارو ڪرڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان حملي ۾ گهٽتائي ايندي. هي جيت گهٽي گرمي يا سرديءَ جي وقت انبن جي ٿڙ جي پورن يا چوڏن جي ڦوٽن ۾ لڪي ويندو آهي. گرم جهڙالي موسم هن جيت جي واڌ ويجهه لاءِ موزون آهي.

هن جيت جي هڪڙي مادي 60 کان 200 آنا لاهيندي آهي. آنن مان چئن کان ستن ڏينهن اندر ٻچا نڪري ايندا آهن. هن جيت جي حملي سبب انبن ۾ ماکي جهڙو ليس دار مادو ڏسڻ ۾ ايندو جنهن تي مٽي لڳڻ ڪانپوءِ ڪاري گر (Sooty Mould) واري بيماري ٿي پوندي آهي. جنهن ڪري پنن ۽ ٻور جو رنگ ڪارو ٿي ويندو آهي.

**نقصان جو وقت:** هن جيت جو حملو سڄو سال رهي ٿو. اڪثر ڪري گهڻو حملو فيبروري کان اپريل تائين رهي ٿو پر مينهن واري موسم ۾ جولاءِ ۽ آگسٽ تائين به ڪافي حملو رهي ٿو.

ٿرپس (Thrips): هي جيت رنگ جو ڪارو ۽ پورو ناسي سنهڙو لڪير وانگر هوندو آهي. هن جيت جا بالغ توڙي ٻچا پنن جي هيٺين پاسي نسن جي پرسان پن ڪرچي رس چوسيندا آهن. حملي آور پنن تي اڇاڻ مائل پورا داغ نظر ايندا آهن. شديد حملي جي صورت ۾ پن سڪي ختم ٿي ويندا آهن. هن جيت جو حملو نون نڪتل پنن ۽ گوڙهن تي وڌيڪ نظر ايندو آهي. جنهن ڪري انب جي واڌ رڪجي ويندي آهي.

**نقصان جو وقت:** انبن تي هن جيت جو حملو سڄو سال رهي ٿو پر اپريل جي آخر کان جون مهيني تائين حملو وڌيڪ رهي ٿو.

**چوٽيءَ وارو ڪينئون** (Shoot Borer): هن جيت جو ڪينئون انبن جي نون نڪتل ٽارين کي (مٿان کان هيٺين طرف نقصان ڏيندو آهي. هن جو حملو نون ٽارين تي ٿئي ٿو. هي ٽارين جي وچ وارو نرم حصو کائيندو آهي. هن جي حملي ڪري نين ٽارين جي مٿان پن مرجهائجي ويندا آهن ۽ آخرڪار حملي آور ٽاريون سڪل ۽ ڪاريون نظر اينديون آهن. اهڙي حالت ۾ وڻن جي واڌ رڪجي ويندي آهي. ڦردار انبن تي جيڪڏهن هن جيت جو حملو ٿئي ٿو ته اهي انب ميوي ڏيڻ جي قابل نٿا رهن.

**نقصان جو وقت:** هي جيت جولاءِ کان نومبر مهيني تائين وڌيڪ نقصان ڏئي ٿو.

**ٿڙ وارو ٽنڊڻ** (Trunk Borer): هن جيت جو بالغ ڊگهين ٽنگن ۽ وڏين مڇن (Antennae) سان ناسي ميرانجهڙي رنگ جو ٿئي ٿو. سندس پرن تي گهرا اڇا نشان هوندا آهن. هن جا ٻچا هلڪي پيلي رنگ جا ۽ سندس مٿو ڪارو هوندو آهي. جنهن جي مدد سان وڻ جون پهريان ٽاريون سڪڻ شروع ڪنديون آهن. آخر ۾ سڄو سڪي ختم ٿي ويندو آهي.

**نقصان جو وقت:** هن جيت جو حملو سڄو سال رهي ٿو پر جيت برسات جي موسم ۾ وڌيڪ نقصان رسائي ٿو. هن جيت جي ضابطي لاءِ بورڊيڪس مڪسچر جو استعمال ڪجي.

**ميوي واري مک** (Fruity Fly): انب جي ميوي واري مک عام مک (گهريلو) کان ننڍي هوندي آهي. هن جي بالغ جون رنگ چمڪندڙ خاڪي ٿئي ٿو. هن جون مکيون ميوي اندر آنا لاهينديون آهن. جيڪي ٻن ٽن ڏينهن اندر ڦٽي ايندا آهن. هن جيت جو حملو انب جي سيني جنسن تي ٿئي ٿو. پر پاڇاتين جنسن جهڙوڪ: ٻيگن پالي، سورنيڪا تي تمام گهڻو رهي ٿو.

هن جيت جا صرف ٻچا (Maggot) نقصان ڏيندا آهن. جيڪي اڇي رنگ جا سنها سوئي نما منهن سان ٿيندا آهن. ميوي اندر گر کي کائي ميوي کي ختم ڪري ڇڏيندا آهن. آخرڪار ميوو هيٺ ڪري پوندو آهي، جڏهن وڏو ٿيندو آهي ته ڪل مان ٻاهر نڪري زمين تي ڪري سوبٽ ٿي ويندو آهي. هن جيت جا ڪينئا 6 کان 29 ڏينهن زمين ۾ سوبٽ جي شڪل اختيار ڪندا آهن. سوبٽ مان 44 ڏينهن اندر بالغ نڪري ايندو آهي.

**نقصان جو وقت:** هن جيت جو حملو جون-جولاءِ ۾ وڌيڪ رهي ٿو يا جيستائين انبن جي پٽائي مڪمل ٿئي.

**انبن جو ميرانجهڙو منگهڻ/ميلي بگ** (Mango Mealy Bug): ميلي بگ ٽراڪٽي آني جهڙو جيت ٿيندو آهي، هن جي مادي جا پر اڇي پائوڊر سان ڍڪيل هوندا آهن. پاڻ اندر گلابي ميرانجهڙو هوندو آهي. هن جي مادي زمين تي گوٽري ۾ آنا لاهي پوءِ مري ويندي آهي، هن جا نر ڪارن پرن سان هوندا آهن. هن جيت جي ٻچي جو حملو نون نڪتل پنن ۽ گوڙهن تي رهي ٿو. حملي دوران انهن مان رس چوسي انهن کي سڪائي ڇڏي ٿو. انهيءَ سان گڏوگڏ ٻور ۽ انبڙيون به سڪائي ڇڏيندو آهي. هي جيت لئہ دار مادو خارج ڪندو

آهي. جنهن ڪري پنن تي ڪاري گر واري بيماري تي پوندي آهي. ان صورت ۾ بوٽي ۾ خوراڪ ٺهڻ جو عمل رڪجي ويندو آهي.

ميلي بگ جي حملي کان بچاءُ لاءِ نومبر مهيني کان پاڻي ڏيڻ کانپوءِ وڻن جي چوڌاري زمين کان 4 فوٽ مٿي پلاسٽڪ ويڙهجي ۽ پوءِ ان کي گريس هنيو وڃي. يا جتي نظر اچي ته ڪيوراڪران 800 سي سي 100 لٽر پاڻي ۾ وجهي ڦوهارو ڪرڻ گهرجي. زمين ۾ بهتر نموني سان هر ڦار ڪريو ته جيئن زمين ۾ لڪل بچا اس ۾ مري ختم ٿي وڃن.

**نقصان جو وقت:** هن جيت جو حملو سڄو سال رهي ٿو ۽ مارچ کان مئي تائين وڌيڪ حملو ٿئي ٿو.

**سرنگهه وارو ڪينئون** (Leaf Minor): هن جيت جو ڪينئون گلابي رنگ جو ٿيندو آهي ۽ جڏهن انبن ۾ نوان ڳونچ يا پن نڪرندا آهن ته انهن تي حملو ڪندو آهي. حملي دوران جهلي يا پردو ناهي ان اندر ڪاڌ ڪندو رهندو آهي ۽ سڄي پن کي اندرون اندر کائي پرڻ ڪري سڪائي ڇڏيندو آهي ۽ ان سان ڳڏوڳڏ سنهين ڏاندين تي پڻ حملو ڪندو آهي.

**نقصان جو وقت:** هن جيت جو حملو آڪٽوبر کان نومبر تائين ۽ جنوري کان مارچ تائين ٿئي ٿو.

**چلر وارو جيت** (Scales):

هي جيت رنگ جا خاڪي ڳاڙهسري چلر جهڙي شڪل ۽ نرم جسم جا ٿيندا آهن. هن جيت جا نر (Male) تمام گهٽ هوندا آهن. هن جيت جي مادي جنسي ميلاپ کانسواءِ (Parthenogenesis) جي عمل ذريعي واڌ ڪندي آهي. هن جا آنا ڳوٿري ۾ هوندا آهن جن مان گرم موسم ۾ 24 ڪلاڪن اندر بچا نڪري ايندا آهن. هي جيت پنن ۽ ٽارين تي چنبڙيل نظر ايندا آهن. هي جيت پنن، ٽارين مان رس چوسيندا آهن. حملي آور پن، ٽاريون، انبڙيون، پيلي رنگ جون ٿي ڇڻي وينديون آهن. جنهن ڪري انب جي پيداوار تي برو اثر پوندو آهي.

**نقصان جو وقت:** هن جيت جو حملو سڄو سال رهي ٿو.

**چوڏي واري تنڌڻي** (Bark Beetle):

چوڏي واري تنڌڻي سنڌ ۾ انبن جي تباهه ڪندڙ بيماري ڦهلائي ٿي. تنڌڻي ۽ بيماري ٻنهي تي آءِ پي ايم ذريعي ضابطو آڻي سگهجي ٿو. هي تنڌڻي ڳاڙهاڻ مائل رنگ جي آهي. سخت ڏاڍي، ڳلن قلن جي بوٽن، ميويدار عام بوٽن تي پلجندي وڌندي رهي ٿي. هي ڪاٺ جي چرپر وسيلي ۽ پنهنجو پاڻ به هڪ جاءِ کان ٻئي جاءِ ائين منتقل ٿيندي رهي ٿي. قدبت ۾ باريڪ آهي. متاثر وڻن ۽ بوٽن ۾ شروعاتي حملي دوران ڪي خاص اهڃاڻ نظر نه ايندا آهن. مادي تنڌڻي جي چرپر ۽ نقصان سببان وڻن جي ٿڙ جا چوڏا چيريل ۽ منجهن سنهڙا سوراخ نظر ايندا آهن. هن تنڌڻي سان جراثيم جا مختلف قسم به ڳڏوڳڏ رهندا آهن. جن کي مادي تنڌڻي پاڻ سان کڻي ٻين وڻن تائين پهچائي ٿي. تنڌڻي جا بچا توڙي بالغ فنجاءِ کي بطور خوراڪ ڪتب آڻيندا آهن ۽ وڻن کي تنڌڻي ايترو نقصان نٿي رسائي، جيترو مختلف قسمن جي جراثيم سان ٿئي ٿو. پر تنڌڻي پاران سوراخ ٿيڻ سببان فنجاءِ وڻن جي ٿڙن ۽ ٽارين تائين وڃن ٿا. انبن جي آبادگارن کي صلاح ٿي ڏجي ته هو انبن جي باغن کي صحتمند رکڻ لاءِ ڪاڌ خوراڪ، پاڻي جي کوٽ ۽ هر قسم جي زخم وغيره کان وڻن کي بچائين. شديد متاثر وڻن کي ڪيٽي ختم ڪجي. تنڌڻي جي خاتمي لاءِ سال ۾ 3 دفعا مارچ، جولاءِ ۽ آڪٽوبر مهيني ۾ ٿڙن تي ديرپا اثر رکندڙ پيراٿرئيڊ گروپ جي دوا جهڙوڪ، ٽالسٽار 200 سي سي 100 لٽر پاڻي ۾ يا بلڊاڪ 100 سي سي 100 لٽر پاڻي ۾ ملائي ٿڙن تي چڱيءَ طرح ڦوهارو ڪجي.

**انبن جي جيتن جو ڪيميائي ضابطو**

| جيت جو نالو | سفارش ڪيل دوا | وزن 100 لٽر پاڻي ۾ |
|---|---|---|
| 1. مهلو (هاپر) | ڪراٽي يا<br>ڪونفيڊور يا<br>اڪتارا يا<br>بائيفينٿرين | 50 سي سي 100 لٽر پاڻي ۾<br>100 سي سي 100 لٽر پاڻيءَ ۾<br>10 گرام 100 لٽر پاڻيءَ ۾<br>50 ملي لٽر في ايڪڙ پاڻيءَ ۾ |
| 2. ٿرڙو | ڪنفيڊور يا<br>ڪلوروفيناپائير يا<br>مووينٽو | 100 ملي لٽر 100 لٽر پاڻيءَ ۾<br>200 ملي لٽر 100 لٽر پاڻيءَ ۾<br>200 ملي لٽر 100 لٽر پاڻيءَ ۾ |
| 3. چوٽيءَ وارو ڪينئون | ڪراٽي يا<br>ٽالسٽار يا<br>لمڊا سهائيلوٿرين<br>ايماميڪٽن | 50 سي سي 100 لٽر پاڻيءَ ۾<br>100 ملي لٽر 100 لٽر پاڻيءَ ۾<br>100 ملي لٽر 100 لٽر پاڻيءَ ۾<br>100 ملي لٽر 100 لٽر پاڻيءَ ۾ |
| 4. ميووي جي مک | ليزر يا<br>ڊپريڪس | 250 ملي لٽر<br>100 کان 160 گرام 100 لٽر پاڻيءَ ۾ |
| 5. ميرانجهڙو ميلي بگ، چلر وارو جيت | ڪيوراڪران يا<br>ايسيفيٽ يا<br>پروفينوفاس | 150 کان 200 سي سي 100 لٽر پاڻيءَ ۾<br>200 گرام 100 لٽر پاڻيءَ ۾<br>200 کان 300 ملي لٽر 100 لٽر پاڻيءَ ۾ |
| 6. سرنگهه وارو ڪينئون | باءِ فينٿرين<br>يا ٽراءِ گارڊ | 150 ملي لٽر 100 لٽر پاڻيءَ ۾<br>10 کان 20 گرام 100 لٽر پاڻيءَ ۾ |
| 7. چوڏي واري تنڌڻي | ٽالسٽار يا<br>بائيفينٿرين يا<br>لمڊا سهائيلو ٿرين | 100 کان 150 سي سي 100 لٽر پاڻيءَ ۾<br>150 ملي لٽر 100 لٽر پاڻيءَ ۾<br>100 ملي لٽر 100 لٽر پاڻيءَ ۾ |

جيتن جو حملو نظر اچي ته سفارش ڪيل دوائن جو ڦوهارو ڪري سگهجي ٿو پر ڦوهاري جي نوزل کي اهڙي طرح سيٽ ڪجي جيئن اهو بلڪل سنهون ڦوهارو ڪري ۽ ڦوهارو اهڙي طرح ڪجي جيئن پريشر سان ڦوهارو ٻور يا هلڪي ڏاڻ کي ڇاٽي نه وجهي پر مٿان رڳو اچي ڪري.

نوٽ: ميووي واري مک جي ضابطي لاءِ دوائن کان علاوه جنسي ڦندن (Sex Pheromones) وارو طريقو پڻ ڪامياب ثابت ٿيو آهي. هن طريقي ۾ 8 ڦندا في ايڪڙ مارچ کان آگسٽ مهينن ۾ باغ اندر 6 فوٽن جي اوچائيءَ تي وڻن جي ڇانو ۾ ٽڪا وڃن.

# سنڌ جي باغن ۾ ادرڪ جي ڪامياب پوک

باسط ٽالپر، سنڌ يوٿ ليڊ پروگرام

سُنڊ سُڪل ادرڪ کي چوندا آهن. سُنڊ جون ڳڙيون يا ڳنڊيا پاڄين ۾ ذائقي وڌائڻ لاءِ مصالحي طور استعمال ڪيا آهن. سُنڊ جي استعمال سان هاضمي جي خرابي يعني بادي وغيره گهٽيءَ حد تائين ختم ٿيو وڃي. سُڪل سنڊ جو اثر گرم ٿئي ٿو. تنهنڪري هن کي سرديءَ جي اثر کي ختم ڪرڻ لاءِ تيل ۽ جاڻ سان گڏي گرم ڪري استعمال ڪبو آهي. سُنڊ جو فصل هڪ پراڻو فصل آهي، جنهن جي صديقن کان پوک ٿيندي آهي. هن فصل جو اصل وطن ڏکڻ ايشيا وارا علائقا آهن. جتان پوءِ هي فصل دنيا جي ٻين ملڪن ڏانهن پکڙيو آهي. هن وقت هن فصل جي پوک دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڪئي وڃي ٿي. سُنڊ جي پوک سمنڊ جي سطح کان وٺي 5000 فوٽن جي بلنديءَ تائين ڪري سگهجي ٿي. هن فصل جي اوسر لاءِ ڇانو ۽ جهجهي آلاڻ جي ضرورت پوي ٿي. هن فصل جي پوک باغن ۾ بهتر ٿيندي آهي ۽ اتي فصل وڌيڪ ڪامياب ٿيندو آهي. سُنڊ جي پوک سنڌ ۾ ڪاميابيءَ سان ڪري سگهجي ٿي، پر ان لاءِ ضروري آهي ته فصل جي مٿان ڇانو ڪئي وڃي ۽ گهڻو پاڻي ميسر هجي. سُنڊ جي سٺي فصل مان 90 کان 125 مڻ آلي سُنڊ يا ادرڪ حاصل ٿئي ٿي.

**پوکيءَ جو وقت:** مارچ کان اپريل.

**ٻج جو مقدار:** 10 کان 12 ڳنڍيون في ايڪڙ.

**پوکيءَ جو طريقو:** ڪريا.

**مفاصلو:**

ڪريي کان ڪريي جو مفاصلو ڏيڍ فوٽ ۽ ٻوٽي کان ٻوٽي جو مفاصلو 6 انچ رکڻ گهرجي.

**ڪيميائي ڀاڻ:**

3 کان ½ 3 ٻوريون ڊي اي پي، يوريا اڌ ٻوري ۽ ايس او پي هڪ ٻوري يا 3 ٻوريون زرخيز (8:23:18) في ايڪڙ پوکيءَ وقت پوءِ جولاءِ ۾ هر گُڏ کان پوءِ هڪ ٻوري يوريا ڏيڻ گهرجي. فصل کي گهٽ ۾ گهٽ 4 گُڏون ڏيڻ گهرجن.

**پاڻي:**

پوکيءَ کان پوءِ ٻه ٽي تڪڙا پاڻي ڏجن بعد ۾ هر هفتي گهرج مطابق پاڻي ڏيڻ گهرجي.

# ڦودني جي پوک

**زمين جي چونڊ:** ڦودنو هر قسم جي زمين تي سٺي نموني ۽ ڪاميابيءَ سان پوکي سگهجي ٿو. ڦودني جي پوکيءَ لاءِ زمين ۾ نيڪال جي خاصيت ۽ لياقت بهتر هجي ۽ ان کان علاوه سيڪ رکڻ جي سگهه به هجي.

**زمين جي تياري:** ڦودني جي پوک ڪيئي سال هڪ جڳهه تي رهي ٿي ان ڪري زمين جي تياري سٺي نموني ڪئي وڃي. ڦودني لاءِ زمين کي هڪ دفعو ڪنر هر ۽ ٽي دفعا ديسي هر ڏيڻ گهرجي. زمين کي چڱي طرح هموار ڪري 20 گاڏيون وٿاڻ جو ڀاڻ ملائي ڇڏجي. ان کان علاوه ٻه ٻوريون سپر فاسفيٽ في ايڪڙ ڏيڻ گهرجي ته جيئن ٻوٽن جي واڌ ويجهه سٺي نموني ٿئي.

**ٻج جو مقدار:** ڦودني جي پوکيءَ لاءِ 40000 کان 50000 پاڙن جا قلم في ايڪڙ لڳائڻ گهرجن.

**پوکڻ جو وقت:** ڦودنو سال جي ٻنهي موسمن ۾ لڳائي سگهجي ٿو. پر فيبروري ۽ مارچ ۾ پوکڻ سان وڌيڪ پيداواري ڏئي ٿو. هي فصل پاڙن ذريعي پوکيو وڃي ٿو. جڏهن ته نومبر ۽ ڊسمبر جي شروع ۾ به پوکي سگهجي ٿو.

**پوکيءَ جو طريقو:** ڦودنو سڌي زمين يا ڪرين تي به پوکي سگهجي ٿو. ڦودني جون پاڙون ٻارن اندر قطارن ۾ پوکيون وينديون آهن. هي فصل ڪرين جي ٻنهي پاسي پوکي سگهجي ٿو. قطارن جو مفاصلو هڪ کان ڏيڍ فوٽ هئڻ گهرجي. هر هڪ پاڙ 9 انچ جي وٿيءَ تي پوکجي. جڏهن ٻوٽا اُڀرن يا ڦوٽهڙو شروع ڪن ته پاڻي ڏيڻ گهرجي.

**ڀاڻ جو استعمال:** ڦودني جي فصل کي مارچ-اپريل جي مهينن ۾ ڏيڍ يا ٻه ٻوريون امونيم سلفيٽ يا هڪ ٻوري يوريا ڀاڻ في ايڪڙ جي حساب سان ڏجي. بعد ۾ هڪدم پاڻي ڏجي ته جيئن ٻوٽا طاقتور ٿين ۽ پيداوار ۾ اضافو اچي.

**پاڻي:** ٻارين جي پوکيءَ وقت ڀريائين پاڻي ڏيڻ گهرجي. ڦودني کي گرميءَ جي موسم ۾ هفتيوار پاڻي ڏيڻ گهرجي ۽ سرديءَ جي مهيني ۾ ٻه دفعا پاڻي ڏيڻ گهرجن. پاڻي ان وقت تائين ڏجي جيستائين ٻوٽا زمين تي پکڙجي وڃن.

**گندگاهه جو خاتمو:** ڦودني جي پوک ۾ جيڪڏهن گندگاهه اُڀري اچي ته جلدي ڪرپي سان ختم ڪجي. هر مهيني هڪ دفعو جڏهن زمين مناسب وٽ ۾ هجي ته گڏ ڪجي. ڊسمبر ۽ جنوري ۾ ڦودني جا پن ۽ شاخون سڪي وڃن ته انهن کي ڪپي ڇڏجي.

**پيداوار:** ڦودني جي پلي فصل مان 100 کان 150 مڻ پيداوار ملي ٿي.

# سورج مُکي جي پوک ۽ ان جي معاشي اهميت

زوهيب الرحمان پگهيو، ايگريڪلچر آفيسر سلطان آباد ٽنڊو الهيار

سورج مُکي هڪ اهم فصل آهي جيڪو سڄي دنيا ۾ خوراڪ ۽ تيل ڪڍڻ لاءِ پوکيو ويندو آهي. سورج مُکيءَ جا ٻج يا تہ سڌو استعمال ڪيا ويندا آهن يا وري تيل ڪڍڻ لاءِ استعمال ٿيندا آهن. جيڪي پچائڻ ۽ ٻين مقصدن لاءِ استعمال ٿيندا آهن. سورج مکيءَ جي پوک گهڻو ڪري تيل جي مقصدن لاءِ ڪئي ويندي آهي، جڏهن تہ ماڻهن جي اڪثريت کي ان جي ٻج جي غذائيت جي خبر ناهي. سورج مکيءَ جا ٻج وٽامن، معدنيات ۽ غذائي جزن جهڙوڪ آئرن، ميگنيشيم، سلينيم، زنڪ ۽ پوٽاشيم ۾ مالا مال آهن. سورج مکي جو استعمال هاضمي، دل جي نظام جي ڪم ۽ دماغي طاقت کي بهتر بڻائي ٿو.

پاڪستان هڪ متحرڪ زرعي ملڪ آهي جتي گهڻا فصل پوکيا وڃن ٿا ۽ سورج مکي انهن مان هڪ آهي. پاڪستان ۾ سورج مکي کي 1960ع واري ڏهاڪي ۾ متعارف ڪرايو ويو جڏهن ملڪ ۾ سائو انقلاب آيو. ان وقت کان وٺي هي فصل ملڪ جي مختلف حصن جهڙوڪ: اٽڪ، فيصل آباد، وهاري، سيالڪوٽ، ٺٽو بدين، سوات ۽ ٻين علائقن ۾ پوکيو پيو وڃي. سورج مُکي هڪ اهم تيل وارو فصل آهي ۽ ملڪ جي مختلف موسمي حالتن ۾ ڪاميابيءَ سان پوکيو ويندو آهي، يعني ملڪ جي ڏاکڻي حصي جي گرم ۽ سخت حالتن کان وٺي اتر ۾ ٿڌي موسم ۾. هن فصل لاءِ موافقت جا علائقا ڪپهہ جي پوک واري پٽي (ويهاري، لوڌران، بهاولپور، عمرڪوٽ) ۽ پنجاب ۽ سنڌ ۾ بالترتيب سيالڪوٽ ۽ بدين جا چانور پوکڻ وارا علائقا آهن. هي فصل بهار ۽ سرءُ (خزان) جي مند ۾ پوکي سگهجي ٿو.

سن 2013ع کان پوءِ سنڌ ۾ سورج مکيءَ جي پوک ۾ گهٽتائي جو رجحان ڏسڻ ۾ آيو آهي. سورج مکي جي پوک هيٺ آيل ايراضي ٻين فصلن جهڙوڪ: ڪڻڪ، چانور، ڪپهہ ۽ ڪمند جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ آهي. جڏهن 2010 جي ٻوڏ سبب سنڌ ۾ 2.2 ملين ايڪڙ زرعي زمين ٻڏي وئي تہ زمين جون حالتون سورج مکي جي پوک لاءِ مناسب هيون. ان دوران هي فصل اٽڪل 267000 هيڪٽرن تي پوکيو ويو. آبادگارن ۽ اختيارين اهو محسوس ڪيو تہ هي ربيع جي موسم لاءِ هڪ اهم متبادل فصل طور اڀري سگهي ٿو. پر ان جي پوک جي تازي انگن اکرن سندن اندازي کي غلط ثابت ڪيو آهي. گهٽ پوکيءَ سان لاڳاپيل وڏين رڪاوٽن ۾ گهٽ پيداوار ۽ گهٽ مارڪيٽ ريٽ شامل آهن.

جيئن تہ سورج مکي جي پوک ۾ گهٽتائي اچي رهي آهي، ان سان گڏوگڏ ملڪ ۾ کائڻ واري تيل جي پيداوار بہ گهٽجي وئي آهي. پاڪستان تيل جي گهرج جو 30 سيڪڙو مقامي پيداواري ذريعي پورو ڪري ٿو جڏهن تہ 70 سيڪڙو تيل ٻين ملڪن مان درآمد ڪيو وڃي ٿو. پاڪستان جو خردني تيل جو درآمدي بل ساليانو 2.5 بلين ڊالرن کان وڌيڪ ٿي ويو آهي. اهو ئي سبب آهي جو کائڻ جي تيل جون قيمتون ڏينهون ڏينهن وڌي رهيون آهن ۽ مستقبل ۾ ان ۾ وڌيڪ واڌ جو امڪان آهي. هڪ ئي شيءِ لاءِ ايترو وڏو درآمدي بل ان ڳالهہ تي زور ڏئي ٿو تہ ملڪ ۾ کائڻ واري تيل جي مقامي پيداوار کي وڌائڻ جي سخت ضرورت آهي.

آئل سيڊز جو شعبو، کاڌ جي تيل جي وڌندڙ استعمال سبب پاڪستان جي معيشت ۾ انتهائي اهميت حاصل ڪري چڪو آهي. سورج مکي جي تيل جي مقدار کي ڏسندي اهو واضح طور تي چئي سگهجي ٿو تہ هي فصل ملڪ مان تيل جي بحران کي ختم ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. مقامي پيداوار ۽ درآمد جي وچ ۾ فرق کي گهٽائڻ سان تمام گهڻو پئسو بچائي سگهجي ٿو. جيڪو زراعت جي شعبي ۾ استعمال ٿي سگهي ٿو. ملڪ ۾ سورج مکي جي اهڙي خطرناڪ صورتحال حڪومت، سائنسدانن ۽ زراعت سان لاڳاپيل ماڻهن جا در کڙڪائي رهي آهي. حڪومت کي گهرجي تہ سورج مکيءَ جي پيداوار تي ڌيان ڏئي ۽ ان جي پوک کي فروغ ڏيڻ لاءِ سبسڊي پڻ فراهم ڪري. ان کان علاوه ريسرچ سينٽر قائم ڪيا وڃن تہ جيئن سورج مکيءَ جي فصل تي بنيادي تحقيق ڪئي وڃي. مقامي مارڪيٽون قائم ڪيون وڃن تہ جيئن ٽرانسپورٽ جي لحاظ کان لاباري کان پوءِ ٿيندڙ نقصان کان بچي سگهجي.

# ٻجن کي پسائي پوکڻ جي افاديت

زرعي هدايتون: آءِ سي ٽي، زرعي توسيعي مرڪز سنڌ

اسان جو عام مشاهدو آهي تہ گهٽي پاڻي ٻج جو ٻاهريون خول، يا مٿاڇرو ايترو تہ سخت ٿئي ٿو جو ان سبب ڪري ٻج اندر پاڻي جذب نہ ٿو ٿئي. هر هڪ ٻج جي ٻاهرين ڪل الڳ الڳ آهي جيڪا ٻج جي سلي کي ٻاهر نڪرڻ ناهي ڏيندي ڪيترا ٻج وري تلهي ڪل جا ٿين ٿا جنهن ڪري ڳسڻ جي مٿا سٺا بہ نٿي ٿئي ۽ گهربل گهم بہ ٻج ٽائين نٿي پهچي. جنهنڪري ٻوٽن جي ڦوٽڙ ۾ دير ٿئي ٿي انهي ڪري آبادگارن کي صلاح ٿي ڏجي تہ فصلن ۽ ڀاڄين جي ٻجن کي سفارش ڪيل وقت موجب پسائي پوکيندا تہ انهي سان ٻوٽن جي ڦوٽهڙي جو تعداد وڌندو ۽ في ايڪڙ پيداوار ۾ اضافو ٿيندو.

**فصلن جي ٻج پسائڻ جو عرصو:**

| نمبر شمار | فصل جو نالو | ٻج کي پسائڻ لاءِ وقت جي سفارش (ڪلاڪن ۾) |
|---|---|---|
| .1 | ڪڻڪ | 4 کان 5 ڪلاڪ |
| .2 | ساريون | 8 کان 12 ڪلاڪ |
| .3 | جوئر | 4 ڪلاڪ |
| .4 | ٻاجهر | 3 ڪلاڪ |
| .5 | مڪئي | 24 ڪلاڪ |
| .6 | وونئڻ | 8 کان 12 ڪلاڪ |
| .7 | هيرڙ | 8 ڪلاڪ |
| .8 | سونف | 8 ڪلاڪ |
| .9 | چانيو | 3 ڪلاڪ |
| .10 | ٻوهي مُگ | 12 ڪلاڪ |
| .11 | السي | 2 ڪلاڪ |
| .12 | چڻا | 2 ڪلاڪ |
| .13 | جنتر | 6 کان 8 ڪلاڪ |
| .14 | گوار | 4 کان 5 ڪلاڪ |
| .15 | جَوَ | 8 کان 12 ڪلاڪ |
| .16 | سائو | 6 ڪلاڪ |
| .17 | برسيم | 2 ڪلاڪ |
| .18 | لوسڻ | 2 ڪلاڪ |
| .19 | پواڙي | 6 ڪلاڪ |
| .20 | سورج مُکي | 6 ڪلاڪ |
| .21 | سرنهن | 2 ڪلاڪ |

**خريف وارين ڀاڄين جا ٻج ۽ پسائڻ جو عرصو:**

| نمبر شمار | ڀاڄي جو نالو | ٻج کي پسائڻ لاءِ وقت جي سفارش (ڪلاڪن ۾) |
|---|---|---|
| .1 | ڀينڊي | 12 ڪلاڪ |
| .2 | مرچ | 12 ڪلاڪ |
| .3 | واڱڻ | 8 کان 12 ڪلاڪ |
| .4 | ميها | 24 ڪلاڪ |
| .5 | توري | 4 ڪلاڪ |
| .6 | ڪريلو | 12 ڪلاڪ |
| .7 | ونگو | 4 ڪلاڪ |

**ربيع وارين ڀاڄين جا ٻج ۽ پسائڻ جو عرصو:**

| نمبر شمار | ڀاڄي جو نالو | ٻج کي پسائڻ لاءِ وقت جي سفارش (ڪلاڪن ۾) |
|---|---|---|
| .1 | پالڪ | 6 ڪلاڪ |
| .2 | ميٿي | 4 ڪلاڪ |
| .3 | ٽماٽو | 12 ڪلاڪ |
| .4 | گوبي | 2 ڪلاڪ |
| .5 | بند گوبي | 2 ڪلاڪ |
| .6 | بصر | 8 کان 12 ڪلاڪ |
| .7 | ڏاٽا | 8 کان 12 ڪلاڪ |

**اُهي ٻج جن کي پسائڻ جي ضرورت نٿي پوي:**

| نمبر شمار | ڀاڄي جو نالو |
|---|---|
| .1 | اسپنگر |
| .2 | تِر |
| .3 | مسور |
| .4 | چوئنرا |
| .5 | مُگ |
| .6 | مٽر |
| .7 | جيرو |
| .8 | موري |
| .9 | گوگڙو |
| .10 | پٽائي گجر |

# ٻوٽن ۾ خوراڪي جزن جي اهميت ۽ کوٽ جون علامتون

ڊاڪٽر توقير احمد شيخ ڊپٽي ڊائريڪٽر، ميجر ڪراپس زرعي توسيع حيدرآباد

ٻوٽا پنهنجي خوراڪ سج جي روشني ۾ تيار ڪن ٿا، جنهن کي اسان فوٽو سينٿيز چئون ٿا. ٻوٽن جي واڌويجهه ۽ بهتر پيداوار لاءِ 19 خوراڪي جزا اهم سمجهيا وڃن ٿا جيڪڏهن انهن خوراڪي جزن جي کوٽ ٿي وڃي ته ٻوٽا بيمار يا ڪمزور ٿيو وڃن. انهي لاءِ لازمي آهي ته اسان کي انهن خوراڪي جزن جا ڪم ۽ کوٽ جي نشانين جي ڄاڻ هجي، جيئن وقت تي اهي ڏئي بهتر پيداوار حاصل ڪري سگهجي. خوراڪي جزن ۾ ڪاربان، هائڊروجن ۽ آڪسيجن ٿي بنيادي جزا آهن جيڪي هوا ۽ پاڻي مان ٻوٽو حاصل ڪري ٿو. باقي خوراڪي جزن کي وري مُکيه، ثانوي ۽ ننڍڙن جزن ۾ ورهايو ويو آهي.

## 1. نائٽروجن:

نائٽروجن ٻوٽن جو اهم خوراڪي جزو آهي ۽ ٻوٽن جي واڌ ويجهه سان تعلق رکي ٿو.

نائٽروجن جي کوٽ سان پنن ۾ سائو مادو گهٽجي وڃي ٿو ۽ نشاستي ٺهڻ وارو عمل سخت متاثر ٿئي ٿو جنهن ڪري ٻوٽي جي واڌ ويجهه رڪجي ويندي آهي ۽ ٻوٽا ننڍي قد ۽ پيلاڻ طرف وڃن ٿا ۽ سڀ کان پهرين ٻوٽي جا هيٺيان پن متاثر ٿين ٿا. پوءِ اها پيلاڻ آهستي آهستي مٿي اچي ٿي، گهڻي کوٽ جي ڪري ٻوٽا سڙيل نظر اچن ٿا. نائٽروجن جي مناسب تناسب جي ڪري ٻوٽا صحت مند ٿين ٿا. تاريون بهتر نموني نڪرن ٿيون. ٻوٽي جو رنگ گهاٽو سائو ٿئي ٿو ۽ ٻوٽا تڪڙي واڌ ڪن ٿا. داڻو وڏو ۽ وزندار ٿئي ٿو. نائٽروجن وارا ڀاڻ زمين جي تياري جي آخري مرحلن دوران ۽ ان کان پوءِ بيٺل فصلن ۾ واڌويجهه جي مختلف مرحلن تي ڏنا ويندا آهن.

## 2. فاسفورس:

فاسفورس ٻوٽي جي واڌ ويجهه ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪندڙ خوراڪي جزو آهي. سندس ڪم پاڙن کي مضبوط ۽ ڊگهو ڪرڻ هوندو آهي. پاڙون جيتريون وڌيڪ ڊگهيون ۽ مضبوط هونديون اوتروئي وڌيڪ گهرائي تان زمين مان خوراڪ ۽ پاڻي حاصل ڪري سگهنديون. پاڙون ڊگهيون هجن ته فصل ڪرڻ کان محفوظ ٿي ويندو آهي. فاسفورس ٻوٽن م گهرڻ جي ورهاست يعني واڌ ويجهه جي عمل کي تيز ڪندڙ خوراڪي جزو آهي ۽ جنس يا ميون جي جلدي پچڻ ۾ مدد ڪندو آهي. فاسفورس جي کوٽ سبب پن نيرا يا جمون رنگ جا ٿي ويندا آهن. گل ۽ ميووا گهٽ لهندا آهن.

## 3. پوٽاشيم:

پوٽاشيم ٻوٽي جي واڌ ويجهه، فصلن جي بهتر پيداوار ۽ ڪوالٽي جو ضامن خوراڪي جزو آهي. زمين ۾ پوٽاشيم جو جملي مقدار عام طور تي نائٽرجن ۽ فاسفورس کان وڌيڪ هوندو آهي پر جلد مهيا ٿيندڙ صورتن ۾ گهٽ هوندو آهي. پوٽاشيم ٻوٽي ۾ گهٽ ۾ گهٽ 60 اهڙن ڪيميائي خميرن کي متحرڪ ڪندو آهي جيڪي ڪيميائي ردِ عمل لاءِ انتهائي ضروري هوندا آهن. تنهن کان علاوه پوٽاشيم خوراڪ ٺاهڻ جي عمل ۾ به اهم ڪردار ادا ڪندو آهي. ٻوٽي جون پاڙون، ٽڙ، ڏاٽا ۽ ميوا مضبوطي وٺندا آهن. پوٽاشيم جي موجودگي سان پاڻي ۽ خوراڪي جزا پنن تائين پهچندا آهن. ٻوٽو پاڻي جو بهتر استعمال ڪري سگهندو آهي. امينو ايسڊ ۽ پروٽين جي تياري ۽ نشاستي جي فوري استعمال ۾ پوٽاشيم هڪ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. پوٽاشيم بيمارين ۽ جيتن خلاف ٻوٽي جي بچاءُ واري طاقت وڌائي ٿو. پوٽاشيم فصلن جي بهتر پيداوار ۽ سٺي ڪوالٽي جو ضامن خوراڪي جزو آهي. پوٽاشيم اناج وارن فصلن ۾ داڻن جو وزن وڌائيندو آهي. ڀاڄين ۽ ميون جي غذائي مقدار کي وڌائيندو آهي، انهن جي ڏيک ويک کي خوبصورت ۽ وڻندڙ بڻائيندو آهي ۽ اُنهن کي ڳرڻ ۽ سڙڻ جي عمل کان بچائي گهڻي دير تائين محفوظ رکندو آهي. پوٽاشيم جي ٿورڙي ڪمي جي صورت ۾ ٻوٽي جي هيٺيان پراڻا پن چنهب کان پيلا ٿيڻ شروع ٿيندا آهن ۽ آخر ۾ پورو پن سُڪي ۽ سڙي ويندو آهي. جڏهن ته گهڻي کوٽ جي نتيجي ۾ اهو عمل نون پنن تي به شروع ٿي ويندو آهي ۽ آخر ۾ ٻوٽي جون تاريون به ڪمزور ٿي ونديون آهن ۽ ٻوٽو ڪِري به پوندو آهي. پوٽاشيم وارا ڀاڻ عام طور تي زمين جي تياري جي آخري مرحلي دوران زمين ۾ ملائبا آهن.

# ڏاڙهونءَ جا طبي فائدا

بشارت قريشي زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام

هي هڪ مشهور چوٽي آهي ته جنهن ڏاڙهون جي موسم ۾ ست ڏاڙهون کاڌا اهو ايندڙ موسم تائين بيمار ڪونه ٿيندو. هر ڏاڙهون جي اندر جنت جي ڏاڙهون جو هڪ داڻو هوندو آهي، ڏاڙهون جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ ٽي دفعا آيو آهي، انهي مان ان جي اهميت جو اندازو ٿئي ٿو. سڀئي ميووا انساني صحت لاءِ تمام فائدي وارا آهن جيڪڏهن انهن کي هر موسم ۾ واپرائجي ته ڪافي فائدو ٿئي ٿو. ڏاڙهون جي غذائي اهميت 100 گرام ۾:

| | |
|---|---|
| توانائي 83 Kcal | فلوٽ 38 ملي گرام |
| نشاستو 18.7 گرام | پينٽونڪ تيزاب 0.4 ملي گرام |
| تاندورا 4 گرام | فاسفورس 36 ملي گرام |
| کنڊ 13.7 گرام | پوٽاشيم 236 ملي گرام |
| سٽپ 1.2 گرام | ٽامو 0.2 ملي گرام |
| حل ٿيڻ وارا سٽپ 0.1 گرام | ميگنيز 0.1 ملي گرام |
| پروٽين 1.7 گرام | وٽامن بي3 (0.3) ملي گرام |
| وٽامن سي 10.2 ملي گرام | وٽامن بي 5 (0.60) ملي گرام |
| وٽامن ڪي 16.4 گرام | فولاد 0.30 ملي گرام |
| ٿايامين 0.1 ملي گرام | جست 12 ملي گرام |
| وٽامن بي6 (0.1) ملي گرام | |
| ڪئلشيم 3 ملي گرام | |

ڏاڙهون جي ميووي ۾ الله پاڪ تمام گهڻا فائدا رکيا آهن، هن جي ٻج، ڪل، گلن ۽ پاڙن ۾ شفا آهي. هن جي ڪائڻ سان انسان ۾ قوت پيدا ٿئي ٿي، جسم جي اندر ڪوليسٽرول کي گهٽ ڪري ٿو. نئون رت پيدا ڪري ٿو دل جي مريضن لاءِ شفا آهي، انساني جگر جي ڪارڪردگي بهتر ڪري ٿو آنڊن جي سوج کي ختم ڪري ٿو پراڻي بخار کي ختم ڪري ٿو دماغ کي قوت ڏئي ٿو. هن جي کل کي سڪائي مختلف بيمارين جو علاج ڪيو ويندو آهي. البته شگر جا مريض جيڪڏهن ڏاڙهون جي رس کي وڏيڪ استعمال ڪندا ته شگر وڌي سگهي ٿي. ۽ ڏاڙهون جي ميووي کي ڪٽي وڏيڪ دير نه رکڻ گهرجي. جنهن موسم ۾ تازو ڏاڙهون نه ملي ان موسم ۾ ڏاڙهون جي ڏاڻ جو سڪل پاؤڊر به استعمال ڪري فائدو حاصل ڪري سگهجي ٿو.

# ڪٽا ميوا

سنڌيڪار: فهيم قريشي

ڪٽن ميون ۾ سٽرس ڪينڪر واري بيماري جو ڪارڻ هڪ ننڍڙو بيڪٽريا آهي جنهن کي (Bacterium xan Ahomonas) چئجي ٿو. هي جيوڙو انسان ذات لاءِ نقصان ڪار ناهي ۽ متاثر ٿيل ميوو واپرائڻ سان انساني صحت تي هن جا اثر نه ٿا ٿين البته ڪٽن ميوون وارن ٻوٽن کي گهڻو نقصان ٿئي ٿو. هن بيماري جي ڪري ٻوٽن جي ٽارين، پنن، شاخن ۽ ميوون تي نشان ٿين ٿا. شروعات ۾ هي نشان ننڍڙا ۽ تيز سائي رنگ جا ٿين ٿا پوءِ وري گهاٽي ناسي ڀوري رنگ جا ٿيو وڃن. هڪ اندازي مطابق هي نشان 10 mm تائين وڏا ٿيو وڃن ۽ ڳنڍ جهڙي صورت اختيار ڪن ٿا. سازگار موسمي حالتن ۾ هي ڳنڍيون ڦاٽيو پون ٿيون جنهن مان اسپورس (ٻج) وري پکڙجي ٻين ٻوٽن کي متاثر ڪن ٿا. شديد حملي جي ڪري ٻوٽن جي پيداواري صلاحيت متاثر ٿئي ٿي، حملي ٿيل ٽارين ۾ هي بيڪٽريا 3 کان 6 سالن تائين بيماري پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو. هن جراثيم کي پکيڙڻ ۾ هوا، نمي، متاثر ٻوٽن جي پيوندڪاري، مزدور ۽ باغن ۾ استعمال ٿيندڙ اوزار ۽ نرسري اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. جيڪڏهن هن بيماري جو بروقت علاج نه ڪيو وڃي ته هي بيماري باغن جا باغ متاثر ڪري سگهي ٿي.

**بچاءُ:**

متاثر شاخن ۽ ٽارين کي بروقت ڪٽي ساڙي ڇڏجي جنهن زمين يا باغ مان متاثر ٻوٽا ڪڍيا هجن جن تي مرض ظاهر ٿئي انهن کي هڪدم ناس ڪري ڇڏجي. نرسري يا باغ ۾ استعمال ٿيندڙ اوزارن جي صفائي جو خاص خيال رکجي متاثر اوزار وري ٻئي باغ ۾ استعمال نه ڪجن. پيوندڪاري ڪرڻ وقت بيماري کان پاڪ جنس جي چونڊ ڪجي. شديد حملي جي صورت ۾ زرعي ڪارڪن جي مشوري سان تدارڪ ڪجي.

ڏاڙهون ڪائڻ کان پوءِ سگريٽ نوشي کان پاسو ڪجي انهي سان آنڊن جي بيماري جو خطرو آهي.

# زمين جي زرخيزي جي اهميت

فهيم قريشي، سينيئر انسٽرڪٽر سڪرنڊ

ڪامياب پوکي راهي جو دارومدار زمين جي جوڙجڪ ۽ زمين جي تياري تي آهي، ڏنو وڃي تہ زمين جي بهتر جوڙجڪ سان ئي زمين جي زرخيزي ۽ صحت وڌي ٿي هتي زمين جي جوڙجڪ مان مراد زمين کي ڪيڙڻ کولڻ، نرم ڪري پتر پچڻ ۽ سنوت ڪرڻ آهي. اها هڪ عام چوڻي آهي تہ جيترو هَرُ اوترو ڦَر يعني زمين کي جيترو کولبو اها اوتري وڌيڪ زرخيز ٿيندي ۽ هوا جو گذر ٿيندو. هوا ۾ موجود گئسون زمين ۾ اونهائي تائين آساني سان پهچي وينديون جنهن سان زمين جو نامياتي مادو وڌندو زمين ۾ ٻوٽن جي پاڙن تائين پاڻي آساني سان پهچي ويندو ۽ ٻوٽا پنهنجي خوراڪ بهتر نموني تيار ڪري سگهندا.

آبادگار دوستو هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ پوءِ زمين جي جوڙجڪ لاءِ ڪهڙا اُپاءُ وٺڻ گهرجن جنهن سان زرخيزي وڌي.

زمين جي جوڙجڪ لاءِ پهريون عمل آهي اونها هَر ڏيڻ ۽ زمين کي هيٺ تائين کولڻ، ان سان زمين ۾ موجود معدني مادن ۽ پاڻي جو پاڻ ۾ چڱي ريت رابطو ٿيندو جنهن سان زمين جي زرخيزي وڌندي.

ٻيو تہ زمين کي تپش ڏيڻ: زمين کي تپش تڏهن ملندي جڏهن زمين کي هَرَن وسيلي کولبو ۽ هيٺيان تهہ زمين جا مٿي ايندا ۽ مٿان وارا تهہ هيٺ ويندا. اٿل پٿل ٿيندي زمين ۾ موجود ڳن، گند ڪچرو، پکين جي باقيات، وٽن جون پاڙون ٽِپيون مٽيون ڳري وينديون ۽ زمين جي زرخيزي وڌندي.

هَرن ڏيڻ سان زمين جي طبعي ۽ ڪيميائي حالت بهتر ٿئي ٿي. هوا ۽ پاڻي ۾ وٿي بهتر ٿئي ٿي جنهن سان پيداوار ۾ واڌارو ايندو.

ڳَڏ ۽ ڏڙ وارو عمل زمين جي زرخيزي کي بحال رکڻ لاءِ ٽيون اهم عمل آهي چاڪاڻ تہ ٻوٽن ۾ ڪاڏ خوراڪ ۽ پاڻي جو چاڙهہ پاڙن وسيلي ٿئي ٿو تنهنڪري فصل پوکڻ کان پوءِ پاڙن ويجهو ڳَڏ ڏڙ يا هَر جو عمل جاري رکجي پر اتي ان ڳالهہ جو خيال ڪجي تہ ٻوٽن جون پاڙون زخمي نہ ٿين تحقيق مان خبر پوي ٿي تہ ٻہ ڪان چار ڳَڏ ڪيڻ سان پيداوار وڌي ٿي. باغن ۾ ڳَڏ ۽ ڏڙ کي خاص اهميت آهي ان لاءِ باغن ۾ ڳَڏ ڏڙ جو عمل جاري رکجي جيئن زمين نرم رهي ۽ زمين اندر پاڙون سٺي ريت واڌ ويجهہ ڪن ۽ خوراڪي جزن کي آساني سان حاصل ڪن.

**زمين جي زرخيزي وڌائڻ لاءِ خاص هدايتون:**

1. اونهي پاڙ واري فصل لاءِ اونهو هر ڏيڻ گهرجي جهڙوڪ مٽي اٿلائڻ وارو ڪنر هر، ٽالهين وارو وڏو هر ۽ چيزل هر وغيره.
2. متاچري پاڙ واري فصل پوکڻ لاءِ گوبل، ڊسڪ هيرو ۽ ڪلٽيويٽر استعمال ڪرڻ گهرجي.
3. پتريلي ۽ ٻوٽن جي پاڙن واري زمين ۾ ٽالهين وارو هر استعمال ڪجي.
4. واريياسي ۽ لٽاسي زمين ۾ مٽي اٿلائڻ وارو هر استعمال ڪجي.
5. گهٽي واريياسي زمين ۾ ڪلٽيويٽر استعمال ڪرڻ گهرجي ۽ وٿاڻ جو ياڻ ضرور استعمال ڪجي.
6. برسات تي ٿيندڙ واريياسين زمينن ۾ چيزل هر پڻ وڌيڪ فائديمند آهي جنهن سان زمين ۾ پاڻي اونهائي تائين محفوظ رهي ٿو پرڪوشش ڪري اهڙين زمينن ۾ چوپائي جانورن کي جهجهو ويهارجي تہ جيئن زمين ۾ وٿاڻ جو ياڻ شامل ٿي سگهي.

## پيداوار گهٽ لهڻ جا ڪارڻ

1. زمين جو صحيح انتخاب نہ ڪرڻ ۽ غير معياري تياري.
2. اڻ سڌين يا سنوت نہ ڪيل زمين تي پوک ڪرڻ.
3. پاڻي جو غلط استعمال، گهٽ پاڻي يا وڌيڪ پاڻي ڏيڻ.
4. ٻج جو غير معياري هجڻ.
5. پوک جو صحيح وقت چوندِ نہ ڪرڻ.
6. ٻوٽن جو گهربل تعداد پورو نہ ڪرڻ.
7. ياڻ جو غلط استعمال ڪرڻ.
8. صحيح ريت فصلن جي منصوبابندي نہ ڪرڻ.
9. گندگاهہ جو وقت تي خاتمو نہ ڪرڻ.
10. اڏوهي، جيت ۽ بيمارين کان لاپرواهي ڪرڻ.
11. قوت مدافعت وارين جنسن جي پوک نہ ڪرڻ.
12. ساڳئي زمين ۾ هميشہ ساڳيا فصل پوکڻ.
13. زمين جي مٽي ۽ پاڻيءَ جو چڪاس نہ ڪرائڻ.

# وڻڪار جي اهميت ۽ پوکائي لاءِ فني معلومات

ٻيلو ڪاتو سنڌ

وڻ سچ پچ هڪ وڏي نعمت آهن جو اُهي سڏيءَ يا اڻ سڏيءَ طرح انسان ذات کي ڪيترائي فائدا پهچائين ٿا. اڏاوت ۽ ٻارڻ جو ڪاٺ، ڪاڌو خوراڪ جون انيڪ شيون، ڪيترائي ڪيميائي مادا ۽ گرم مصالحه توڙي ڪاغذ وڻن مان ملن ٿا. اهي آبهوا کي پورو پُنو ماحول کي سونهن، سانت ۽ ٺڏڪار وارو رکن ٿا. وڏي ڳالهه ته زمين جي بناوت، پلاءِ حفاظت به ٻيلن جي شڪل ۾ وڻ ئي ڪن ٿا.

ڪيڏي نه ڏک جي ڳالهه آهي ته هي نعمت خود انسان جي ئي هٿان تمام تيزيءَ سان ناس ٿيندي پئي وڃي. انهيءَ جو وڏو ڪارڻ وڌندڙ آباديءَ جي زرعي زمين ۽ ٻين وسيلن لاءِ وڌندڙ گُهرج آهي. اِستوائي ٻيلا جيڪي گهٽو ٽُو ڍڙن کن اُسرندڙ ملڪن ۾ آهن. سي سماجي، سياسي ۽ اقتصادي گُهرجن جي ڪري تباهه ٿين ٿا. اها وڏي بدقسمتي آهي، ڇاڪاڻ ته استوائي زمين ۽ پاڻي جي وسيلن کي محفوظ آبهوا کي موافق رکڻ لاءِ اهي ٻيلا بيحد ضروري آهن.

## وڻڪاري جا فيض:

1. وڻ ۽ ٻيلا زمين کي پائجن ۽ پچڻ پرڻ کان بچائين ٿا.
2. وڻ فضا جي گدلاڻ گهٽائين ٿا ۽ هوا منجهان ڌوڙ ۽ دز ڇاڻي ڪين ٿا.
3. وڻ ڪاربان ڊائڪسائيڊ مان آڪسيجن ٺاهين ٿا جيڪي جياپي لاءِ تمام ضروري آهي.
4. ٻيلا جهنگلي جيوت جي قدرتي جُوءِ آهن. جتي انهن کي اجهو ڪاڌو ۽ تحفظ ملي ٿو.
5. وڻ هوا جي چوهڙ کان بچاءُ ڪن ٿا.
6. وڻن جي گلن جي رس مان ماکي نهي ٿي.
7. وڻ ٻوڏن ۽ سم ڪلر کان بچائين ٿا.
8. ٻيلا ملڪي دفاع ڪن ٿا.
9. ٻيلا صحتمند ماحول ۽ تفريح مُهيا ڪن ٿا.
10. اناج جو آڌار پڻ ٻيلن تي آهي.

## وڻن پوکڻ لاءِ زمين جي چونڊ:

وڻن ۾ جدا جدا قسمن جي زمينن ۾ پرورش وڻن جو انتخاب هيٺينءَ ريت ڪرڻ گهرجي.

**1. موڪي زمينون:** هن قسم جي زمين ۾ هر قسم جا وڻ ٻُوٽا ۽ اُسري سگهن ٿا. پر وڻن جا هيٺيان قسم وڌيڪ ڪامياب ٿيندا. ڄهڙوڪ ٽالهي، توت، جمون، ٻير، نم، سرنهن، املتاس، سمبل، ڪچنار، ارجن ۽ ڪونو ڪارپس.

**2. ڪلرائين زمينون:** ڪلراٺيءَ ٻنيءَ ۾ ٻير، سرنهن، بيدمشڪ، گدامڙي، ڪونو ڪارپس، جهنگل جليبي نهايت آسانيءَ سان اُسري سگهن ٿا.

**3. سم واريون زمينون:** سم واري زمين ۾ جمون، بيدمشڪ، سرنهن ۽ ڪونو ڪارپس پوکي سگهجن ٿا.

**4. خشڪ ۽ واريا سيون زمينون:** هن قسم جي زمينن ۾ ڪنڊي، ٻير ۽ لوهيڙو پوکي سگهجن ٿا.

**5. ساموندي علائقن واريون زمينون:** اهڙين زمينن ۾ ارجن، جمون، بيد مشڪ، اپيل ۽ ڪونو ڪارپس ڪاميابي سان پوکي سگهجن ٿا.

**ٻوٽن پوکڻ جي موسم:** ٻوٽن، ٻجن ۽ قلمن پوکڻ جي موسم بهار جي پهچڻ کان وٺي خزان جي اچڻ تائين ٿيندي آهي.

**ٻوٽن ۽ قلمن پوکڻ جو طريقو:** جيڪڏهن پلاسٽڪ جي ٿيلهيءَ ۾ پوکيل هڪ سال جي عمر تائين ٻوٽي کي ڪنهن به جاءِ تي لڳائڻو هجي ته پوءِ ان لاءِ جيڪو کڏو کوٽبو ان جو قطر ۽ اونهائي تقريباً ڏيڍ فوٽ هجڻ گهرجي ۽ ان جي کڏي کي نرم ۽ زرخيز مٽيءَ سان اٽڪل اڌ اوچائي تائين ڀريو، پوءِ ٻوٽي کي ٿيلهيءَ سميت ان کڏ جي وچ ۾ پورجي، پر پورجڻ کان اڳ تيز چاقو يا بليڊ سان ان ٿيلهيءَ جي تري کي چير ڏئي ڇڏجي. جيئن ان ٻوٽي جي پاڙ آسانيءَ سان زمين ۾ داخل ٿي سگهي. بعد ۾ ان ٿيلهي جي پاسن واري مٽيءَ سان ايترو پرجي جيئن کڏي ۾ گهٽ ۾ گهٽ چار انچ پاڻي ڏيڻ لاءِ جاءِ خالي رهي.

**قلم پوکڻ جو طريقو:** جنهن جاءِ تي قلم پوکجي، ان جي پهريائين سٺي نموني ڳُڏ ڪري زمين کي نرم ڪجي، تنهن کان پوءِ اٽڪل هڪ فوٽ اونهو کوٽجي، جنهن جي وچ ۾ نوڪدار لوهي سيخ سان سوراخ ڪري ان ۾ قلم ايترو اندر داخل ڪجي جو انهي قلم جي پاڙ ان سوراخ ۾ پوري طرح سمائجي وڃي. ان کان پوءِ قلم جي پاسن واري مٽيءَ کي ايترو دٻائجي جيئن ان ۾ ڪو خالي نه رهي. ان کڏي جي اٽڪل 4 انچ اوچائيءَ ۾ جاءِ خالي ڇڏجي ته جيئن ضرورت موجب ان کي پاڻي ڏئي سگهجي.

**پوکائيءَ کان پوءِ ٻوٽن جي سنڀال:** حقيقت اها آهي ته ٻوٽن پوکڻ جو اصل مقصد تڏهن حاصل ٿيندو جڏهن پوکائي کان صحيح نموني ۾ ٻوٽي کي پتجڻ، وڍجڻ ۽ چرائي کان بچائجي ۽ وقت سر ان کي پاڻي واري ڪاڌ خوراڪ ميسر ڪجي.

**ضروري گذارش:** اها هڪ تسليم ٿيل حقيقت آهي ته اسان جي ملڪ ۾ وڻ پوکڻ لاءِ ٻه مندون تمام پليون ليکيون ويندين آهن؛ (1) بهار جي مند ۽ (2) چوماسي يعني برسات واري مُند. تنهنڪري وڻڪار جي سٺي فائدن کي نظر ۾ رکندي اهو اسان سڀني مهب وطن پاڪستانين جو قومي، اخلاقي، سماجي ۽ مذهبي فرض آهي ته انهن مندن ۾ وڌ ۾ وڌ وڻ پوکي پنهنجي مُلڪ کي سائو ستابو بنائڻ سان گڏوگڏ پنهنجي مضبوط ڪردار ۽ حب الوطنيءَ جو هڪ بهترين مثال پيش ڪيون.

# جانورن ۾ ڪيڙن جو خاتمو

جانورن جو تحقيقي ۽ تربيتي ادارو ٽنڊو محمد خان

اسان جي ملڪ ۾ جانورن جي گهڻي تعداد مختلف قسمن جي ڪيڙن جو شڪار رهندي آهي. ڪيڙا جانورن جي پيداواري صلاحيت کي متاثر ڪن ٿا ۽ مختلف بيماريون ڦهلائي ۽ پاڳين جي مالي نقصان جو سبب بڻجن ٿا انهي ڪري ڪيڙن تي بروقت قابو پائي جانورن جي صحت ۽ پيداوار کي بهتر بڻائي سگهجي ٿو.

**اندروني ڪيڙا:**

هڪ محتاط اندازي جي مطابق هڪ سال کان گهٽ عمر جي جانورن ۾ اندروني ڪيڙن جي ڪري موت جي شرح 30 کان 35 سيڪڙو ٿائين آهي.

**اندروني ڪيڙن جون علامتون:**

**پيٽ ۽ آنڊن جا ڪيڙا:**

- جانور خوراڪ گهٽ کائيندو ۽ آهستي آهستي ڪمزور ٿي ويندو آهي ۽ پيداوار به گهٽي متاثر ٿيندي آهي.
- ننڍيا ڦر مٽي کائڻ لڳندا آهن ۽ انهن جو پيٽ لٽڪي ويندو آهي.
- چمڙي خشڪ ۽ ڪردري ٿي ويندي آهي.
- شديد حملي جي صورت ۾ جانورن ۾ بدبودار ٽيڪ (دست) لڳي ويندي آهي.

**ڦڦڙن جا ڪيڙا:**

- ساهه جي نالي ۾ سوڄ ۽ جانور ساهه کڻڻ ۾ تڪليف محسوس ڪندو آهي.
- جانور منهن (وات) کولي ۽ اڪثر ڪري ساهه کڻندو آهي.
- نڪ مان گهاٽي سنگهه وهندي آهي.
- ننڍين ڦرن ۾ نمونيا ٿي ويندي آهي.

**جيري جا ڪيڙا:**

- جانورن ۾ کير جي پيداوار شديد متاثر ٿيندي آهي.
- جاڙين جي هيٺيان ۽ اڳين ٽنگن جي وچ ۾ (جهالر تي) سوڄ ٿي ويندي آهي.
- اکين ۾ پچيون پئجي ويندين آهن.
- شديد حملي جي صورت ۾ اوچتو موت به واقع ٿي ويندي آهي.

**ٻاهريان ڪيڙا:**

ٻاهريان ڪيڙا جانورن جي چمڙي تي رهي ڪري رت چوسين ٿا ۽ انهيءَ دوران اُهي جانورن ۾ تمام گهڻيون موتمار بيماريون ڦهلائڻ جو سبب بڻجن ٿا. ان ۾ چچڙ، جوئن، مکيون ۽ مچر شامل آهن.

هي ڪيڙا خاص طور تي سنهي چمڙي وارن جانورن مثال طور تي ولايتي ۽ ٻِسر نسل جي ڳئون کي شديد متاثر ڪن ٿا. ٻاهريان ڪيڙا گهڻو ڪري ڪنن، اوهه ۽ ٽنگن جي وچ ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

**علامتون:**

- جانور بيچيني واري حالت ۾ هوندو آهي.
- رت جي گهٽتائي جي ڪري جانور انتهائي ڪمزور ۽ هيڻو ٿي ويندو آهي.
- چمڙي خشڪ ۽ ڪردري ٿي ويندي آهي.
- جانورن جي پيداواري صلاحيت ۾ گهٽتائي اچي ويندي آهي.
- چمڙي تي سوراخ ٿي ويندا آهن ۽ ان تي زخم ٿي پوندا آهن.
- چچڙن جي ڪري پيشاب ۾ رت ۽ ڳوڙهين جو بخار جهڙيون موتمار بيماريون لڳي سگهن ٿيون.

**ڪيڙن کان بچاءَ لاءِ اهم مشورا:**

- روزانو ڏينهن ۾ ٻه دفعا واڙي جي صفائي ضرور ڪريو ۽ پاڻي بيهڻ نه ڏيو.
- ننڍين ڦرن کي لازمن هر ٽن مهينن بعد ۽ وڏن جانورن کي ضرورت مطابق ڪيڙا مار دوائون ماهر وٽرنري ڊاڪٽر جي مشوري سان پياريو.
- اگر سهولت موجود هجي ته ليبارٽري مان ڇيڻي جي ٽيسٽ ضرور ڪرايو.
- واڙي جي ديوارن يا ڇت تي ڪو سوراخ يا چير نه هئڻ گهرجي جتي هي ٻاهريان ڪيڙا آنا ڏئي سگهن يا لڪي سگهن.
- واڙي ۾ هر مهيني باقائدگي سان چچڙ مار دوائن جو اسپري ڪرايو.
- وقت به وقت واڙي ۾ چوني جو ڇرڪائو ڪرايو.
- گاهه جي صفائي جو خاص خيال رکو ڪتر ڪيل گاهه کي مٽي کان بچايو.
- ڪيڙا مار دوائون هميشه تبديل ڪري پيارڻ گهرجن ته جيئن ڪيڙا هڪ ئي دوا جي خلاف قوت مدافعت حاصل نه ڪري سگهن.
- پاڻي جي حوض ۾ به ڪلورين يا ٻي مناسب دوا جو استعمال ڪريو ته جيئن جيوڙن کان بچي سگهجن.
- جانورن تي چچڙن جي شديد حملي جي صورت ۾ چمڙي تي چچڙ مار دوائون لڳرايو.